# سال 2024: پاڪستان جا اهم واقعا



پاڪستان جو صدر عارف علوي نئين چونڊيل وزير اعظم شهباز شريف کان 4 مارچ 2024ع تي ايوان صدر ۾ عهدي جو حلف کڻائي رهيو آهي. (اتصوير رائٽرس)




سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ نئين چونڊيل صدر آصف علي زرداريءَ کان 10 مارچ 2024ع تي حلف کڻائي رهيو آهي.



تحقيق ۽ تحرير:
اعجاز شيخ

پهرين جنوري: دهشت ٽوڙ عدالت مراد سعيد، حماد اظهر، زرتاج گل، عمر ايوب ۽ امين گنڊه پور سميت 51 جوابدارن جون ملڪيتون ضبط ڪري ڇڏيون.

2 جنوري: اڳوڻو وفاقي وزير سرتاج عزيز لاڏاڻو ڪري ويو. هو سينيٽر سان گڏ مسلم ليگ (ن) جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ پرڏيهي وزير سميت ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهيو.

3 جنوري: پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي برقرار رکندي پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي بيٽ جي نشان کان محروم ڪري ڇڏيو. پي ٽي آءِ ان فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

پاڪستان پيپلزپارٽي جي سي اي سي: چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کي اينڊڙ چونڊن لاءِ وزيراعظم جي عهدي تي نامزد ڪري ڇڏيو. لاهور ۾ ٿيل سي اي سي جي ميٽنگ جي صدارت بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري گڏيل طور ڪئي.

4 جنوري: پيپلزپارٽي چونڊ مهم جي شيڊول جو اعلان ڪري ڇڏيو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سڄي ملڪ جي 30 شهرن ۾ اليڪشن جلسن کي خطاب ڪندو.

5جنوري: سينيٽ اينڊڙ عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ منظور ڪري ورتو. ان ٺهراءَ جي منظوريءَ مهل ايوان ۾ صرف 14 سينيٽر موجود هئا. نواز ليگ ان جي جي مخالفت ڪئي، جڏهن ته پيپلزپارٽي ۽ پي ٽي آءِ جا سينيٽر خاموش رهيا.

پيپلزپارٽي سڄي سنڌ ۾ قومي اسمبليءَ جي 53 ۽ صوبائي تڪن لاءِ 119 ٽڪيٽون جاري ڪيون.

6 جنوري: احتساب عدالت اسلام آباد 190 ملين ڪيس ۾ ملڪ رياض سميت پي ٽي آءِ اڳواڻن: شهزاد اڪبر، فرح گوگي ۽ ذلفي بخاري کي اشتهاري ڦوهاري قرار ڏئي ڇڏيو.

7 جنوري: عام چونڊن کان اڳ سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن عمر حميد پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي. "چونڊون وقت تي ٿينديون." ترجمان اليڪشن ڪميشن

پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ حج 2024 لاءِ پانڌيئڙن بابت معاهدو ٿي ويو. پاڪستاني پانڌيئڙن کي منيٰ ۽ ٻين هنڌن تي بهترين علائقن ۾ جڳهه ملندي.

8 جنوري: سياسي اڳواڻن جي تاحيات نااهلي ختم. نوازشريف ۽ جهانگيرترين چونڊ وڙهڻ لاءِ اهل قرار. سپريم ڪورٽ تاريخي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو.

9 جنوري: عمران خان تي توشاخانه ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو. ضمانت جي درخواست رد. جي ايچ ڪيو حملي ڪيس ۾ باضابطه گرفتاري ظاهر.

10 جنوري: جسٽس مظاهر نقوي جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي کان اڳ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. شوڪاز نوٽيس جو جواب به جمع ڪرائي ڇڏيو.

تحريڪ انصاف کي آخرڪار بيٽ جو نشان واپس ملي ويو. باني چيئرمين جو فارم رد ٿيڻ خلاف اپيلون خارج.

تربت ۽ وزيرستان ۾ اميدوارن تي حملا، آزاد اميدوار سميت 3 ڄڻا مارجي ويا. دهشت گردن جي فائرنگ ۾ 5اهلڪار شهيد.

11 جنوري: سپريم ڪورٽ ۾ بحران. جسٽس مظاهر نقوي بعد سينئر ترين جج جسٽس اعجاز الاحسن پڻ استعفيٰ ڏئي ڇڏي.

آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ پاران پاڪستان کي 70 ڪروڙ ڊالرز جي ٻي قسط ڏيڻ جي منظوري. لندن ۾ ٿيل اجلاس ۾ پاڪستان کي قرض ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي.

12جنوري:

آءِ ايم ايف پاڪستاني معيشت ۾ بهتري جو اعتراف ڪري ورتو. عالمي مالياتي اداري موجب پهرين ٽماهي ۾ سالياني پوزيشن مضبوط ٿي، پر مهانگائي جي شرح بلند ترين سطح تي آهي.

13 جنوري: پي ٽي آءِ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هارائي وئي. بيٽ جو نشان واپس. آزاد حيثيت ۾ چونڊ وڙهڻ جو اعلان.

14جنوري: عام چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ سينيٽ ۾ ٽيون ٺهراءُ جمع. آزاد اميدوار هلال الرحمان ايوان ۾ ٺهراءُ منظور ڪرڻ لاءِ جمع ڪرائي ڇڏيو.

15جنوري: اليڪشن ڪميشن سينيٽ جي ٺهراءَ تي عام چونڊون ملتوي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سمورا خدشا رد. چونڊ مقرر وقت تي ڪرائڻ جو اعلان.

16جنوري: بيلٽ پيپرن جي ڇپائي شروع. چونڊ نشان تبديل ٿيڻ سان ملڪ جي مختلف تڪن ۾ چونڊ ملتوي ٿيڻ جو امڪان.

باني چيئرمين ۽ سندس زال تي عدت نڪاح ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو. ٻڌڻي دوران بشريٰ بي بي جي غائب رهڻ تي عدالت جو ناراضگي جو اظهار.

17جنوري: ايراني حملي تي پاڪستان جو احتجاج. سفير کي نيڪالي. تهران مان پنهنجو سفير به واپس. "جواب جو حق محفوظ رکون ٿا." پرڏيهي وزير

پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان 70 ڪروڙ ڊالرن جي قسط ملي وئي. گڏيل عرب امارات پاران به 2 ارب ڊالرز وارو قرض رول اوور.

18 جنوري: پاڪستان جو ڀرپور جواب. ايران ۾ سرجيڪل حملا. ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا. ٺڪاڻا تباهه. پاڪ فوج جو چوڻ آهي ته مهم جوئي جو ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ هميشه تيار آهيون.

19 جنوري: ايران سان ڇڪتاڻ ختم. لاڳاپا بحال ڪرڻ جو فيصلو. پاڪستان جو چوڻ آهي ته ملڪي خود مختياريءَ تي ڪڏهن به سودي بازي نه ٿيندي.

20 جنوري: نگران سرڪار مني بجيٽ آڻڻ جو پلان تيار ڪري ورتو. ماهوار 18 ارب رپيا ۽ 5 مهينن ۾ 90 ارب رپين جي آمدني جو ڪاٽو لڳايو ويو. کنڊ تي 5 رپيا في ڪلو فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي نافذ.

آئي ايم ايف پاڪستاني معشيت کي بهترين قرار ڏيئي ڇڏيو. ترقيءَ جي شرح 2 سيڪڙو رهڻ جا امڪان آهن. ناڻي جا ذخيرا 4.5 ملين ڊالرز مان وڌي 8.2 ارب ڊالرز ٿي ويا.

26 جنوري: ملڪ جي وڏن شهرن ۾ دهشتگرد حملا ٿيڻ ۽ اميدوارن کي يرغمال بنائڻ جو خدشو. سڄي ملڪ ۾ الرٽ جاري. اسلام آباد، لاهور، راولپنڊي، پشاور، ڪوئيٽاءِ ٻين شهرن ۾ ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگرد گروپن جي حملن جا امڪان.

28 جنوري: ايراني صوبي سيستان ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري 9 پاڪستانين کي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو. 3 پاڪستاني پورهيت شديد زخمي ٿي.

پاڪستان پاران ايراني حڪومت کان ڪارروائي جو مطالبو.

31جنوري: سموري ماليت جا نوان ڪرنسي نوٽ آڻڻ جو فيصلو. مهانگائي بلند سطح تي آهي. اسٽيٽ بينڪ مطابق ملڪ ۾ وياج جي شرح 22 سيڪڙو برقرار رهندي.

پهرين فبروري: سائيفر ڪيس ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ ۽ شاهه محمود قريشي کي ڏهه ڏهه سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا. پي ٽي آءِ پاران فيصلو چيلنج ڪرڻ جو اعلان.

بلوچستان ۾ جيل، ريلوي اسٽيشن ۽ ٿاڻي تي حملا. ڌماڪو. 9 دهشتگرد مارجي ويا. 5 جوانن سميت 10 شهري شهيد ٿي ويا. بولان ۾ هڪ ئي ڏينهن تي دهشتگردن جا 3 هنڌن تي حملا ٿيا.

2 فبروري: عمران ۽ بشريٰ کي توشاخانه ڪيس ۾ 14_14 سال قيد جي سزا. ڏهن سالن لاءِ نااهل، ڏيڍ ارب رپيا ڏنڊ.

3 فيبروري: نگران حڪومت حياتي بچائيندڙ 146 دوائون به مهانگيون ڪري ڇڏيون. نگران وزيراعظم انوار الحق جي صدارت ۾ ڪابينا جو اجلاس. صحت واري وزارت جي سفارش تي هارڊ شپ ڪيٽيگري جي دوائن ۾ اضافي جي منظوري.

بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ ڌماڪا. هڪ شخص فوت. 6ڄڻا زخمي. ڪوئيٽا ۾ به ڌماڪا. واٿهڙو مارجي ويو. مستونگ ۽ تربت ۾ دستي بم ڌماڪا.

❊ "باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي اثر رسوخ استعمال ڪري قيمتي تحفن جي گهٽ قيمت لڳرائي." توشه خانه ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري.

بلوچستان ۾ شعيب نوشيرواني جي گهر سميت مختلف هنڌن تي بم حملا. پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا. پنجگور ۾ بي اين پي اميدوار رحمت صالح جي گهر تي حملو. ڪوئيٽا ۾ پي پي جي ڪيمپ آفيس تي حملو.

5 فيبروري: عمران خان ۽ بشريٰ کي غيرشرعي نڪاح ڪيس ۾ به ست ست سال قيد جي سزا. چيئرمين پي ٽي آءِ جو چوڻ هو ته ذليل ڪيو پيو وڃي. ڪابه ڊيل نه ڪندس.

7 فيبروري: عام چونڊن کان ٽي ڏينهن اڳ ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٿاڻي تي دهشتگردن جو حملو، 10 اهڪار شهيد، 6 زخمي. ٿاڻي جي عمارت تي مقرر پوليس اهلڪارن کي دهشتگردن رات دير سان سنائيپرز ذريعي نشانو بڻايو. دهشتگردن ٿاڻي ۾ داخل ٿي دستي بمن جو استعمال ڪرڻ سان گڏ پوليس اهلڪارن تي فائرنگ پڻ ڪئي.

8 فيبروري: آءِ ايم ايف جو هڪ وڏيڪ شرط پورو. گيس قيمتن ۾ 35.13 سيڪڙو واڌ. عوام تي 98 ارب رپين جو بار پوندو.

9 فيبروري: چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ بلوچستان ٻري اٿيو. اميدوارن جي آفيسن آڏو ڌماڪا. فائرنگ. 29 ڄڻا مارجي ويا. 38 زخمي. پشين ۾ خانوزئي ۾ آزاد اميدوار اسفنديار ڪاڪڙ جي آفيس ٻاهران زوردار ڌماڪو.

چئني صوبن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ. پولنگ ٻاهران پوليس، رينجرز ۽ فوج جا 6 لک اهلڪار مقرر. چيف اليڪشن ڪمشنر جون چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين، آءِ جيز کي هدايتون جاري.

10 فيبروري: عام چونڊن 2024ع ۾ اليڪشن ڪميشن جي نااهلي. رات 3 وڳي تائين نتيجا جاري نه ڪيا ويا. پنجاب سميت اڪثر تڪن جا نتيجا روڪي ڇڏيا. سياسي پارٽين کي ڇڪتي. پ پ سنڌ ۾ اڪثريت سان ڪامياب. پنجاب ۾ نواز ليگ ۽ مخالفن ۾ سخت مقابلا. سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ جي آزاد اميدوارن کي سرسي.

"موبائيل فون سروس ٽريٽس هٿڻ ڪري بند ڪئي وئي." سنڌ سرڪار جي وضاحت. نگران وڏي وزير مقبول باقر جو چوڻ هو ته انٽرنيٽ بند ڪرڻ جو فيصلو سنڌ حڪومت جو نه پر وفاق جو هو.

11 فيبروري: ڪنهن به پارٽيءَ کي سادي اڪثريت نه ملي. پي ٽي آءِ جا 96آزاد اميدوار اڳتي. نواز ليگ جون 70ءِ پ پ جون 53 سيٽون. نواز شريف پاران گڏيل حڪومت جي دعوت.

پاڪستان پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. نئين حڪومت سان گڏجي ڪم ڪنداسين. امريڪي ترجمان جو واضح بيان. يورپي يونين طرفان چونڊن ۾ بي ضابطگين جي جاچ ڪرڻ جو مطالبو. ووٽ وجهڻ لاءِ رجسٽرڊ عورتن جي وڌندڙ تعداد جي آجيان.

12 فيبروري: حڪومت سازي لاءِ رابطا جاري. آصف علي زرداري ۽ نوازشريف ۾ ملاقات بنا نتيجي ختم. متحده وفد پڻ لاهور پهچي ويو. لاهور سياسي رابطن جو مرڪز بڻجي ويو.

# سال 2024ع تي هڪ نظر



صدر پاڪستان آصف علي زرداري پاڪستان سپريم ڪورٽ جي نئين چيف جسٽس، جسٽس يحيٰ آفريدي کي 26 آڪٽوبر 2024ع تي حلف کڻائي رهيو آهي.

ڏقيڙ مناسب ناهي. سياسي پارٽيون اتحاد ۽ پختگي وسيلي عوامي اعتماد جو جواب ڏين. آرمي چيف جنرل عاصم منير جون قوم کي ڪامياب اليڪشن ٿيڻ تي مبارڪون.

13 فيبروري: حڪومت ٺاهڻ لاءِ پ پ ۽ نواز ليگ ۾ سهڪار تي اتفاق. وزيراعظم ۽ صدر جي عهدن لاءِ باضابطا تجويزون پيش. شهباز شريف جي قيادت ۾ وفد جي آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو سان ملاقات. صلاح مشورا.

چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف جي يو آءِ ۽ جي ڊي اي جا سڄي سنڌ ۾ شاهراهن تي ڌرڻا، لاڙڪاڻي ۾ راشد محمود سومري جي اڳواڻي ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو، روڊ بلاڪ هزارين گاڏيون بيهجي ويون.

14 فيبروري: اڍائي اڍائي سالن لاءِ ٻه وزيراعظم آڻڻ تي غور. حتمي فيصلو نه ٿي سگهيو. پي پي پاران سيني سياسي پارٽين سان رابطن جو اعلان. ذريعن مطابق معاملا نه ٺهڻ سبب نوازشريف پاسيرو ٿي ويو.

چونڊن ۾ شڪست تي جهانگير ترين ۽ سراج الحق جون سندن پارٽين مان استعفائون. پرويز خٽڪ به پاسيرو ٿي ويو. عام چونڊن ۾ شڪست سياسي قيادت کي عهدا ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

15 فيبروري: شهبازشريف وزيراعظم نامزد. نواز ليگ، پ پ، ق ليگ، ايم ڪيو ايم، استحڪام پارٽي ۽ باپ پاران اتحادي حڪومت ٺاهڻ جو اعلان. مريم نواز پنجاب جي وڏ وزارت لاءِ نامزد. چوڌري شجاعت جي گهر تي سياسي قيادت جا اهم فيصلا.

پ پ جو وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿيڻ جو واضح اعلان. شهباز شريف جي حمايت. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته هو چاهي ٿو ته آصف علي زرداري ملڪ جو ٻيهر صدر بڻجي.

16 فيبروري: چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام. فضل الرحمان پاران اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان. نواز شريف کي پڻ اپوزيشن ۾ ويهڻ جي صلاح. پريس ڪانفرنس ۾ چيو ڌانڌلين 2018 جا به ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. فيصلا هاڻي ميدان ۾ ٿيندا.

20 فيبروري: بلاول ڀٽو زرداري جو ٻن سالن لاءِ وزيراعظم ٿيڻ کان انڪار. پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته پ پ ملڪ ۾ باهه وسائي سگهي ٿي. پيرپاڳاري سائين اليڪشن ۾ هارايو آهي. هو چاهي ته ٻيهر مقابلو ڪري.

26 فيبروري: صدارتي چونڊ 9 مارچ تي ڪرائڻ جو امڪان.

28 فيبروري: مريم نواز ملڪي تاريخ ۾ پهرين عورت وزيراعليٰ چونڊجي وئي. اپوزيشن پاران پنجاب اسمبلي جي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو.

1مارچ: اياز صادق اسپيڪر ۽ مصطفيٰ شاهه ڊپٽي اسپيڪر چونڊجي ويا. سني اتحاد کي شڪست. قومي اسيمبلي ۾ ٻيهر گوڙ. چور چور جا نعرا.

صدارتي چونڊ 9 مارچ تي ڪرائڻ جو اعلان. شيڊول جاري. آصف علي زرداري جا فارم ورتا ويا. نامزدگي جا ڪاغذ اڄ منجهند 12 وڳي تائين جمع ٿيندا. چنڊڇاڻ جو عمل 4 مارچ تائين مڪمل ڪيو ويندو.

2 مارچ: صدارتي چونڊ ۾ پي ٽي آءِ پاران آصف علي زرداري جي مقابلي ۾ محمود اڇڪزئي اميدوار نامزد. فضل الرحمان کان مدد طلب.

شهبازشريف ٻيهر وزيراعظم چونڊجي ويو. اپوزيشن کي ميثاق مفاهمت جي دعوت. ايوان ۾ مينڊيٽ چور ۽ گهڙي چور جا نعرا. شهباز 201 ووٽ کڻي وزيراعظم چونڊيو. عمر ايوب کي 92 ووٽ ملي سگهيا.

4 مارچ: شهباز شريف 24هين وزيراعظم طور حلف کڻي ورتو. گارڊ آف آنر پيش. ڪابينا جوڙڻ لاءِ اتحادين سان مشاورت.

ذوالفقار ڀٽو ريفرنس جي ٻڌڻي مڪمل، فيصلو محفوظ. ڇا مختصر راءِ ڏئي سگهون ٿا؟ چيف جسٽس جا ريمارڪس

6 مارچ: ذوالفقارعلي ڀٽو کي شفاف ٽرائل جو موقعو نه مليو. 44 سالن کان پوءِ غلطي تسليم. فيصلو رد نٿا ڪري سگهون، سپريم ڪورٽ تاريخي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو.

6 مارچ: ذوالفقار علي ڀٽو کي سرڪاري شهيد قرار ڏيڻ جا ٺهراءَ سينيٽ، پنجاب ۽ بلوچستان اسيمبلين مان به منظور. ذوالفقارعلي ڀٽو کي سرڪاري شهيد قرار ڏيڻ جو مطالبو.

9 مارچ: آصف علي زرداري 411 ووٽ کڻي وڏي اڪثريت سان ٻيو ڀيرو ملڪ جو صدر چونڊجي ويو. محمود خان اڇڪزئي کي شڪست. قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ ڳجهي ووٽنگ ڪرائي وئي.

11 مارچ: 19 رڪني وفاقي ڪابينا قسم کڻي ورتو. اسحاق ڊار پرڏيهي، خواجه آصف دفاع، اورنگزيب ناڻي، محسن نقوي گهرو معاملن جا وزير ٿي ويا.

14 مارچ: سينيٽ ضمني چونڊ. يوسف رضا گيلاني ٻيهر سوڀارو. پي پي 6 مار 4، جواز ليگ ۽ جي يو آءِ هڪ هڪ سيٽ تي ڪامياب. سينيٽ چيئرمين جو اميدوار يوسف رضا گيلاني 204 ووٽ کڻي ڪامياب. سني اتحاد ڪونسل جي اميدوار کي شڪست.

15 مارچ: اين ايف سي ايوارڊ ۾ صوبن جو حصو گهٽائي نٿو سگهجي. حڪومت آءِ ايم ايف جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو. خرچن ۾ وفاق ۽ صوبا گڏجي نئين حڪمت عملي جوڙي سگهن ٿا، وفاقي حڪومت جي تجويز.

20 مارچ: گوادر ۾ پورٽ اٿارٽي ڪامپليڪس تي حملو ناڪام. 8 دهشتگرد مارجي ويا. ٻه فوجي جوان شهيد، دهشتگردن جي گوادر ڪامپليڪس ۾ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام.

24 مارچ: پاڪستاني سڪيورٽي فورسز تي حملن لاءِ افغانستان ۾ منصوبابندي جي وڊيو منظر عام تي اچي وئي. وڊيو افغانستان جي علائقي ڊانگرلگد جي آهي. وڊيو ۾ تحريڪ طالبان افغانستان جو ليڊر يحيٰ حافظ بهادر نظر اچي رهيو آهي.

26 مارچ: ڪي پي ۾ چيني شهرين جي قافلي تي آپگهاتي حملو. 5 انجنيئرن سوڌو 6 ڄڻا مارجي ويا. ڪيترائي زخمي.

3 اپريل: توشه خانه ڪيس ۾ باني چيئرمين ۽ بشريٰ بي بي جي 14 _14 سال سزا معطل. آزاد ڪرڻ جو حڪم. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان کي وڏو رليف ڏئي ڇڏيو.

11 اپريل: يوسف رضا گيلاني بنا مقابلي سينيٽ چيئرمين ۽ سيدال خان ڊپٽي چيئرمين چونڊجي ويا. پي ٽي آءِ جو بائيڪاٽ. ميمبر جي نعري بازي.

15 اپريل: نوشڪي ۾ پنجاب جي 9 مسافرن کي بس مان لاهي، سڃاڻپ بعد قتل ڪيو ويو. ڪوئيٽا کان تافتان ويندڙ بس کي روڪي هٿياربندن ڪارروائي ڪئي.

6 مئي: صدر پاران ٽن صوبن ۾ نوان گورنر مقرر ڪرڻ جي منظوري. ڪي پي ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ پنجاب ۾ سردار سليم حيدر گورنر ٿي ويا. بلوچستان ۾ مندوخيل گورنر مقرر.

16 مئي: دبئي ۾ پاڪستانين جي 2 ارب ڊالرن جي ملڪيت جو انڪشاف. بلاول علي ڀٽو، حسين نواز، فيصل واوڊا، شير افضل مروت، فرح گوگي سميت ٻين جا نالا شامل.

12 جون: پگهارن ۾ 25، پينشن ۾ 15 سيڪڙو واڌ. کنڊ، موبائل فون، گاڏيون، پيٽرول، سڳمنٽ، ڪاغذ، ٽيڪسٽائل شيون مهانگيون، سولر پليٽون، پڪا سستا، وفاقي حڪومت آئنده مالي سال 2024_25 جي بجيٽ پيش ڪري ڇڏي.

8 جولاءِ: ذوالفقار علي ڀٽو معصوم هو. غيرآئيني عدالتن ڪيس موت جي سزا ٻڌائي. آزاد ٿئي ها ته جنرل ضياءَ تي سنگين غداري جو ڪيس هلي ها. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس تي 48 صفحن تي ٻڌل تفصيلي راءِ جاري ڪري ڇڏي.

9 آگسٽ: ”ملڪي قرض وڌي 67.5 ڪرب رپين تائين پهچي ويا. 16 سالن دوران پرڏيهي قرضن ۾ 21.3 ڪرب رپيا اضافو“ ناڻي واري وزارت 2008 کان 2024 تائين قرضن جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا.

14 آگسٽ: ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس متاثر. سيفٽي فائر وال جو آخري تجربو مڪمل. فيس بڪ، واٽس ايپ، انسٽا گرام ۽ ٻين فارمز تي سيفٽي فائر وال جو آخري تجربو ڪيو ويو.

23 آگسٽ: ملڪ ۾ يوٽيلٽي اسٽور بند ڪرڻ جو فيصلو. تجويزون طلب. عوام سستي شين کان محروم ٿيڻ جو امڪان. ملازمن کي ٻين کاتن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو.

24 آڪٽوبر: بشريٰ بي بي 9 مهينا جيل ۾ قيد رهڻ بعد آزاد ٿي پشاور پهچي وئي.

26 آڪٽوبر: سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي نئين چيف جسٽس يحيٰ آفريدي حلف کڻي ورتو.

نومبر 5 : نئين حج پاليسي جي منظوري. هڪ لک 79 هزار210 ماڻهو حج ڪندا. 12 سالن کان ننڍين عمر جي ٻارڙن جي سفر تي پابندي هوندي. حج دوران لاڏاڻو ڪندڙن جو معاوضو 10 لک مان وڌائي 20 لک ڪرڻ جو اعلان.

نومبر 9: ڪوئيٽا ريلوي اسٽيشن تي آپگهاتي ڌماڪو. 27 ڄڻا شهيد ٿي ويا. حملي آور جو ٽرين جي انتظار ۾ بيٺل سڪيورٽي اهلڪارن ۽ شهرين کي نشانو بڻايو. 62 ڄڻا زخمي ٿي پيا.

نومبر 21: ڪرم جي پارا چنار ۾ مسافر گاڏين تي فائرنگ. 39 مسافر مارجي ويا. 28 زخمي ٿي پيا. هٿياربندن جبلن مان جديد هٿيارن سان نشانو بڻايو. ڪيترن ئي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي.

نومبر 22: اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ جو احتجاج،. موٽرويز قومي شاهراهون ۽ ٽرانسپورٽ بند. ڪنٽينرز سان اقتدار وارو شهر سيل. پنجاب ۾ قلم 144 لاڳو. رينجرز طلب، انٽرنيٽ ۽ فون سروس بند. ڪارڪنن جون گرفتاريون.

نومبر 26: اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ جي مظاهرين خلاف آپريشن. گرينڊ آپريشن، ڪيترائي گرفتار. بشريٰ بي بي ۽ امين گنڊاپور فرار ٿي ويا.

پهرين ڊسمبر: ڪي پي ۾ آپريشن دوران 8 خارجي مارجي ويا. ڪئپٽن ۽ سپاهي وطن تان قربان. ميانوالي جي چاپري ٺاڻي تي خارجين جو حملو ناڪام بڻايو ويو.

2 ڊسمبر

پي ٽي آءِ جو ڊي چوڪ تي احتجاج دوران ڪيترائي ماڻهو مارجي وڃڻ وارين خبرن کان لاتعلقي جو اعلان. ”فيڪ نيوز قيادت لاءِ مٿي جو سور بڻجي وئي آهي،“ اسد قيصر جي وضاحت

وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ انتهاپسندي جي روڪٿام لاءِ قومي پاليسي 2024 جي منظوري ڏني وئي.

3 ڊسمبر: فيڪ نيوز تي 5 سال قيد يا 10 لک رپيا ڏنڊ لڳندو، حڪومت سائبر ڪرائم ترميمي بل تيار ڪري ورتو.

پاڪستان تحريڪ انصاف حڪومت سان ڳالهين لاءِ تيار. اسد قيصر جو اسپيڪر اياز صادق سان رابطو. بيرسٽر گوهر چوي ٿو 9 مئي واري ڌوڙ هاڻي ويهڻ گهرجي. وفاقي وزير خواجا آصف کي اعتراض. چيائين: ٽي آءِ جي باني جي گارنٽي ڪير ڏيندو؟

12 ڊسمبر: ڪراچي ۾ ميڊيڪل سٽي جي قيام لاءِ هڪ ارب ڊالرز جي سيڙپ جي آڇ. صدر مملڪت پڻ مدد جي آڇ ڪري ڇڏي. صدر سان چيني سيڙپ ڪارن سان ملاقات.

16 ڊسمبر: ناڻي مٽاسٽا جا ذخيرا 12 ارب ڊالرز تائين پهچي ويا. وياج جي شرح ۾ وڌيڪ 2 سيڪڙو لاٿ کان پوءِ شرح 13 سيڪڙو ٿي وئي. اسٽيٽ بينڪ جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ معاشي استحڪام ايندو. مهانگائي جي شرح 4.9سيڪڙو تائين پهچي وئي. آڪٽوبر 2024 ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ مسلسل ٽئين مهيني پڻ سرپلس رهيو.

21 ڊسمبر : ڏکڻ وزيرستان ۾ سڪيورٽي فورسز جي چيڪ پوسٽ تي حملي ۾ 16 جوان شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر مطابق. مڪين واري علائقي ۾ خارجين جي هڪ ٽولي فورسز جي چيڪ پوسٽ تي حملي جي ڪوشش ڪئي. صدر، وزيراعظم قوم جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

22 ڊسمبر: حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ ڳالهين جو پهريون دور مڪمل. ٻنهي ڌرين جو ڳالهيون جاري رکڻ تي اتفاق. پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيل مذاڪرات جي صدارت اسپيڪر اياز صادق ڪئي. ڳالهين جو ٻيو دور جنوري ۾ ٿيندو. ڪي پي ڪي جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور ڳالهين ۾ شريڪ نه ٿيو.

24 ڊسمبر : پاڪستان آمريڪي پابندين کي رد ڪري ڇڏيو. ”ايٽمي پروگرام تي ڪو به ٺاهه نه ڪنداسين. ملڪي سيڪيورٽيءَ جو فيصلو ملڪ جو عوام ڪندو.“ وزيراعظم شهباز شريف جو واضح موقف. ■




سال 2024ع ۾ به غربت ختم نه ٿي *(تصوير گوگل تان ورتل)*

# سال 2024 ۾ سنڌ جا اهم واقعا ۽ فيصلا

2 جنوري: سنڌ ۾ غيرقانوني رهندڙ پرڏيهين خلاف آپريشن ناڪام. اختيارين کي چئني ڊويزنن مان هڪ به افغاني نظر نه اچي سگهيو. پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ آپريشن ڪاميابي سان جاري.

3 جنوري: ڪي ٽي اين سکر جي بيوروچيف شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سکر ۽ روهڙي ۾ صحافين جو احتجاج. قتل جي 42هين ڏينهن تي به صحافين جي سکر ۾ بک هڙتال جاري.

8 جنوري: سنڌ ۾ سال 2023 دوران 2 ارب رپين جي ماليت جي ڪڻڪ گم ٿيڻ جي تصديق. خوراڪ کاتي جي پهرين فزيڪل رپورٽ موجب 12ضلعن جي گودامن مان 2 لک، 66 هزار ٻورين گم ٿيون.

21 جنوري: گرينائيٽ جا 14هزار 256 ملين ميٽرڪ ٽن ذخيرا ڪارنجهر جبلن ۾ هئڻ جي تصديق. ڪارونجهر ۾ کوٽائي آڏو رڪاوٽ هٽائڻ جو فيصلو. ڳڏيل قومن پاران محفوظ بنايل زمين ڊي نوٽيفاءِ ٿيندي: سمري تيار

23 جنوري: دهشت گردي ٽوڙ عدالت سکر ۾ شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي پوليس کان پڇاڻو.

27 جنوري: ڪراچيءَ ۾ ٽي ٽي پي جو نيٽ ورڪ پڪڙجي پيو. اهم ڪماندر سميت 17 دهشت گرد گرفتار. سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن دهشت گردن جي اطلاع تي ڪارروائي ڪري گرفتاريون ڪيون.

2 فيبروري: ارسا اجلاس ۾ تڪراري چولستان لنڪ ڪئنال منصوبو بلوچستان ۽ ڪي پي ميمبرن جي منظوري سان منظور ڪرائڻ جو انڪشاف.

4 فبروري: ارسا تي وفاق جو قبضو. چيئرمين سرڪاري ڪامورو ٿيندو. ڪابينا طرفان ايڪٽ ۾ ترميمون منظور. وفاق نگران ڪابينا جي جي منظوري بعد ارسا جي جوڙجڪ تبديل ٿي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ارسا ۾ 5 نوان ميمبر پڻ شامل ڪيا ويندا.

15 فيبروري: سنڌ ۾ غير زرعي سرڪاري زمين 99 سالن لاءِ ليز تي ڏئي سگهبي. ڪليل نيلامي جي اعلان. ڪاميٽيون قائم. موٽروين، سپرهاءِ وين، پورٽس ۽ سامونڊي غيرسرڪاري ايراضي الاٽ ٿي نه سگهندي.

22 فيبروري: نگران حڪومت اسٽيل ملز جي 13هزار ايڪڙ زمين وفاق کي ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. آبپاني اگهه ۾ 100 سيڪڙو واڌ. سنڌ ڪابينا 45 لک زمين جي سروي ڪرڻ ۽ روينيو جي سب رجسٽرارن جون پرتيون ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

25 فيبروري: سيد مراد علي علي شاهه ٽيون ڀيرو سنڌ جو وڏو وزير نامزد. اويس شاهه اسپيڪر ۽ نويد اينٿوني ڊپٽي اسپيڪر ٿيندا.

26 فيبروري: سنڌ اسمبلي ويندڙ رستاسيل، جي ڊي اي ۽ ٻين پارٽين جا ڌرڻا. پوليس جي لٺبازي. شيلنگ. 40 کان وڌيڪ گرفتار. آغا سراج دراني جي صدارت اجلاس 40 منٽن جي دير سان شروع. نون ميمبرز قسم کڻي ورتو.

28 فيبروري: سيد مراد علي شاهه جي هيٽ ٽرڪ. وڏو وزير چونڊجي ويو. اسمبلي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ڪراچي کي سنڌ کان الڳ سمجهندڙ پنهنجي دماغ مان اهڙو خلل ڪڍي ڇڏين.

6 مارچ: سنڌ اسيمبليءَ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو کي قومي هيرو ۽ سرڪاري طور شهيد قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ منظور. سزا ڏيندڙ ججن جا لاش لٽڪايو، سنڌ اسمبلي ۾ مطالبو.

11 مارچ: ڪنڌڪوٽ جا 10 مغوي بازياب نه ٿيا. شڪارپور ڪشمور انڊس هاءِ وي تي 12 ڪلاڪ ڌرڻا. علي بهادر شهرياڻي، سندس پٽ ذيشان، ڀائيٽو شمن، صدرالدين ميراڻي ۽ ٻيا مغوي اڃا ڌاڙيلن جي چنبي ۾.

12 مارچ: شرجيل انعام ميمڻ، ناصر علي شاهه، سردار علي شاهه، محمد بخش مهر ۽ عذرا پيچوهو سميت 9 رڪني سنڌ ڪابينا قسم کڻي ورتو. شرجيل ميمڻ کي سينئر وزير جو درجو ڏنو ويو.

13مارچ: ڪالاباغ ڊيم جي حامي اڳوڻي واپڊا چيئرمين ظفرمحمود کي ارسا چيئرمين مقرر ڪرڻ جي منظوري. سنڌ جو احتجاج. اڳوڻي نگران سرڪار ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري حڪومت کي اهڙو اختيار ڏنو هو.

سنڌ ۾ 29 مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن. 16 ايس ايس پيز کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو. وڏي وزير مرادعلي شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا جي پهرين اجلاس جا فيصلا.

14 مارچ: وزير اعظم ميان شهباز شريف آڏو سنڌ جو سخت احتجاج. ريٽائرڊ ڪاموري ظفرمحمود کي ارسا چيئرمين مقرر ڪرڻ وارو فيصلو 24 ڪلاڪن ۾ واپس. وزيراعظم شهبازشريف سان سنڌ جي وڏي وزير جو فون تي رابطو. چيئرمين ارسا جي منظوري 5 ميمبرن مان ڪرڻ تي اتفاق.

24 مارچ: وفاقي سرڪار آخرڪار سنڌ حڪومت جي ڳالهه مڃي ورتي. 20 ڏينهن جي دير ڪانپوءِ غلام نبي ميمڻ ٻيهر آءِ جي سنڌ مقرر. ايڊيشنل آجي جي سميت سنڌ پوليس ۾ وڏي پئماني تي مقررين ۽ بدلين جا امڪان.

29 مارچ: سنڌ جي حق تي وار. وفاق هڪ ئي ڌڪ ۾ 13 ارب رپيا ڪاٽي ڇڏيا. وڏي وزير جو احتجاج. نظرانداز ڪرڻ جون شڪايتون.

2 اپريل: ڪچي ۾ آپريشن جو اعلان. هاءِ ويز تي ڏوهه ٿين ٿا، پر ڪوبه رستو ناهي بچيو. خدا ڪري پريا ڪماري زنده هجي. مراد علي شاهه چوي ٿو بدامني جو سبب قبيلائي جهيڙا آهن.

4 اپريل: خريف ۾ 30 سيڪڙو پاڻي کوٽ جو ڪاٿو. 91 ٺاهه بدران ٽه رخي فارمولا تحت ورڇ ٿيندي. سنڌ جو احتجاج نظرانداز. پاڻي کوٽ جي ذميوار واپڊا قرار.

11 اپريل: ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي زهريلو ٿيڻ باوجود ارسا پاڻي جو مقدار وڌائڻ بدران ويتر 1000ڪيوسڪ پاڻي گهٽائي ڇڏيو. آبپاشي کاتي پاڻي وڌائڻ جو مطالبو ڪيو هو.

16 اپريل: پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي ۾ برساتن سبب وڌيڪ 14 ڄڻا فوت. سنڌ ۾ به وسڪارو. پنجاب ۾ وڌيڪ 3، بلوچستان ۾ 9 ڄڻا مري وڃڻ جي تصديق.

21 اپريل: ڪراچي ۾ جاپانين جي وين تي آپگهاتي حملو. 2 دهشت گرد مارجي ويا. جهول واسي سڪيورٽي گارڊ شهيد. 2ڄڻا زخمي. لانڍي ۾ 5 جاپاني ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون وڃن پيا ته حملي جو نشانو بڻيا.

اوٻاوڙي کان غوثپور دعوت تي ويل 5 ڄڻا اغوا. بينڪ ملازمن جي بازيابي لاءِ آپريشن، 2 ڌوهاري مارجي ويا. ڳوٺ مير ڌونڌو جي رهواسين ذوالفقار ڌونڌو، خادم ، دائم ڌونڌو ۽ پوليس اهلڪار کي اغوا ڪيو ويو.

26 اپريل: ”نه فنڊ پيا ملن، نه اسڪيمون ۽ نه رهتون،“ وزيراعظم آڏو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو احتجاج. ٽيڪس اوڳاڙي روڪڻ جي ڌمڪي.

4 مئي: سنڌ ۾ غيرقانوني پرڏيهين جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ جو فيصلو. هٿيارن جي نمائش ۽ منشيات فروشن خلاف وڏي ڪريڪ ڊائون جون تياريون.

15 مئي: ارسا پاران وڏي عرصي بعد پاڻي ورڇ 91ع جي ٺاهه جي پيرا 20 تحت ڪرڻ جو فيصلو. کوٽ ختم. پنجاب جو لنڪ ڪئنال وهائڻ جو مطالبو پڻ منظور.

28 مئي: سنڌ ۾ پاڻي کوٽ 29 سيڪڙو ٿي وئي. پنجاب پاران سي جي ڪئنال مان 12500 ڪيوسڪ ڪٽت. سنڌ حڪومت جو ارسا کي احتجاجي خط.

31 مئي: وفاق سنڌ جي يونيورسٽين جي گرانٽ بند ڪري ڇڏي. ”ڊفالٽ ٿيڻ کان بچايو، وي سيز جو وزيراعظم کي خط. مرڪزي هيڪ جو ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ رکيو وفاقي سرڪاري يونيورسٽين کي گرانٽ ڏيڻ جو فيصلو.

پهرين جون: پنجاب لنڪ ڪئنال مان ڪٽت وڌائي 31 هزار 102 ڪيوسڪ ڪري ڇڏي. پنجاب پاران ٻنهي ڪئنالن مان ڪٽت 19102 ڪيوسڪ، تونسا پنجند مان 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي کنيو پيو وڃي.

9 جون: مختلف شهرن ۾ طوفاني هوائن سان برسات. حيسڪو جا 40 فيڊر ٽرپ. بجلي بند. حيدرآباد ۾ گجگوڙ. ڪنوڻ ۽ تيز طوفاني هوا سان برسات پئي.

10 جون: وفاق ۽ صوبن لاءِ 3060 ارب رپين جو ترقياتي پلان منظور. سنڌ جا منصوبا نظرانداز. 53 ارب رپيا جاري نه ڪرڻ تي وڏي وزير مراد علي شاهه جو وفاق آڏو احتجاج.

ڏکڻ پنجاب صوبو ملتان، بهاولپور ۽ ڊي جي خان تي ٻڌل هوندو. سينيٽ ۾ نئين صوبي سميت 9 بل پيش.

2 جولاءِ: شڪارپور۾ ڌاڙيلن جو راڄ . رستم پرسان وڌيڪ 4 ڄڻا اغوا. مغوين جو انگ 15 ٿي ويو. مغوين جي وارثن جو احتجاج. مختلف هنڌن تي ڌرڻا

4 جولاءِ: نوجوان پروفيسر اجمل ساوند جي خون جو عيوضوهڪ ڪروڙ. ساوند سندراڻي تڪرار ۾ 24 ڄڻا مارجڻ تي 6 ڪروڙ، 36 لک رپيا ڏنڊ مقرر، علي گل مهر جي سرپنچي ۾ فيصلو.

5 جولاءِ: برطانيا ۾ ڪنزرويٽو پارٽي جو 14 سالن جو اقتدار ختم. ليبر پارٽي جو ڪيئراسٽارمر وزيراعظم ٿي ويو.

8 جولاءِ: سنڌ ۾ چوماسي دوران ٻوڏ جي اڳڪٿي. درياهه جا بند 104 هنڌن تان ڪمزور هئڻ جو انڪشاف. وڏي وزير پاران درياهه جا بند مضبوط ڪرڻ لاءِ ايمرجنسي پلان تيار ڪرڻ جي هدايت.

11 جولاءِ: ڪارونجهر پرسان ڪسر جي علائقي مان گرينائيٽ ڪڍڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. اڻ رجسٽرڊ گاڏيون هلائڻ تي پابندي لاڳو. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سردار شاهه جي پريس ڪانفرنس.

12 جولاءِ: خيرپور جي نارا تعلقي جي 20 لک ايڪڙ زمين ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ڪمپني حوالي ڪرڻ جو فيصلو. صدر جي سنڌ ۽ بلوچستان کي پنجاب حڪومت جيان گرين انيشيئيٽ ڪمپني کي بنا وياج 100 ارب رپيا قرض ڏيڻ جي هدايت.

18 جولاءِ: سنڌ تي ڊجيٽل وارآدمشماري ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ گهٽ ۽ اردو ڳالهائيندڙ وڌيڪ ظاهر. ڪراچي ۾ اردو ڳالهائيندڙ هڪ ڪروڙ 3لک، 15 هزار، سنڌي ڳالهائيندڙ 22 لک 64 هزار هجڻ جي دعوي!

20 جولاءِ: سنڌ ۾ پاڻي کوٽ. پنجاب وري لنڪ ڪئنالن مان ڪٽت وڌائي 19 هزار ڪيوسڪ ڪري ڇڏي. ڪوٽڙي کان هيٺ ڊائون اسٽريم ۾ پيئڻ جي پاڻي جي پڻ کوٽ پيدا ٿي وئي.

21 جولاءِ: سنڌ سان دوکو بي نقاب. هرگهر جي آبادي ٻين صوبن کان گهٽ ڏيکاري. 77 لک آبادي گهٽائڻ جو انڪشاف. ٻهراڙين جي في گهر آبادي پڻ گهٽائي وئي.

26 جولاءِ: سينيٽ ڪميٽي پاران ڪراچي حيدرآباد موٽروي کي سپرهاءِ وي قرار ڏئي ڌار موٽر وي ٺاهڻ جي سفارش. سکر_ حيدرآباد موٽر وي رٿا جي لاڳت وڌي 400 ارب رپيا ٿي وئي. اين ايڇ اي مطابق زمين جي خريداري نه ٿي سگهي.

31 جولاءِ پاڻي جي ورڇ ”ٽي رخي فارمولي تحت ڪريو،“ پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي هڪ ٿي ويا. سنڌ جو احتجاج، تڪرار بعد اجلاس بنا نتيجي جي ختم.

3 آگسٽ: سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ طوفاني برسات تباهي مچائي ڇڏي. زندگي مفلوج. حادثن، واقعن ۾ 33 ڄڻا فوت. منڇر ڍنڍ ۾ پاڻي جي سطح ۾ غيرمعمولي اضافو.

16 آگسٽ: سنڌ جي هزارين بي روزگار نوجوانن لاءِ روزگار جا دروازا بند. عمر ۾ 15 سالن جي رعايت ختم ڪرڻ جو فيصلو. صوبائي وزير عذرا پيچوهو جي سربراهي ۾ جوڙيل سب ڪميٽي جي سفارش تي حڪومت جو وڏو فيصلو.

17 آگسٽ: ملڪ ۾ برساتن تباهي مچائي ڇڏي. مختلف شهرن ۾ 10 ڄڻا فوت. 20 کان وڌيڪ زخمي. برساتن سبب سنڌ ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت، بجلي جو ڊگهو بريڪ ڊائون.

18 آگسٽ: سکر ۽ لاڙڪاڻي سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ برسات جي تباهي. علائقا پاڻي هيٺ، ماءُ پٽ سميت 12 ڄڻا فوت. برسات سبب فصلن کي سخت نقصان. چتيون ڪرڻ سبب ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا.

21 آگسٽ: ايران ۾ سنڌ جي زائرين جي بس سان حادثو. 10 عورتن سميت 28 ڄڻا فوت. 24 زخمي، ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي ۾ شرڪت لاءِ قافلي جي گاڏي جا بريڪ فيل ٿيڻ سبب حادثو پيش آيو.

22 آگسٽ: اوٻاوڙي پرسان ماڇڪي جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن جو پنجاب پوليس تي حملو. 14 اهلڪار شهيد. 7 زخمي ٿي پيا. پوليس جي ٻن موبائيلن تي راڪيٽن سان حملو ڪيو.

تونسا وٽ وهڪرن ۾ لاٽ. سنڌو ۾ ٻوڏ جو خطرو ٽري ويو. گڊو کان سکر تائين ڪچو پاڻي هيٺ.



سنڌ جو گورنر ڪامران ٽسوري 28 فيبروري 2024ع تي سيد مراد علي شاهه کي سنڌ جي وڏ وزارت جو حلف کڻائي رهيو آهي.



سنڌ ڪابينه جا اهم وزير شرجيل انعام ميمڻ، ناصر شاهه ۽ سعيد غني 12 مارچ 2024ع تي حلف کڻندي.

# سال 2024ع تي هڪ نظر



هن رليءَ وانگر سال 2024ع ۾ بہ خواب اٽياسين، جي اجا ساپيان ناهن ٿيا.

(تصوير ورلڊ بينڪ جي ٿورن سان)

28 آگسٽ: سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ چوماسي جا راڱا. بجلي بند. زندگي مفلوج. 10 ماڻهو فوت. وڏيڪ برسات جي اڳڪٿي.
30 آگسٽ: طوفان سامونڊي پٽي ۽ ڪراچي کي ويجهو تيز هوائون. مختلف شهرن ۾ برساتن بعد صورتحال خراب. رابطا ڪٽيل. ڪي پي ۾ حالتون خراب.
پهرين سيپٽمبر: ٽنڊي جان محمد ۾ سم نالو اوورٽاپ. 50 گهر پٽ. فصل ٻڏي ويو. 900 ايڪڙ زرعي زمين پاڻي هيٺ. بغير فزيبلٽي نڪتل سم نالي ابتو وهڻ ڪري علائقي ۾ تباهي مچائي ڇڏي.
2 سيپٽمبر: مٺل گهوڙي ۾ وري ساهہ وجهڻ جي ڪوشش. سنڌو تي ڪالاباغ سميت 5 نوان ڊيم ٺاهڻ جي رٿا. سينيٽ ڪميٽي ۾ ورڪنگ پيپر پيش. پي پي جي پونجو پيل ۽ پي ٽي آءِ جي همايون مهمند ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ.
3 سيپٽمبر: "سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي." سنڌ اسمبلي ۾ رٿ منظور. لفظ مهاجر جي استعمال تي ايم ڪيو ايم جو هنگامو. "اسان پنهنجي حصي جو پاڪستان ساڻ ڪٽي آيا آهيون." متحده اڳواڻ.
4 سيپٽمبر: ڪارونجهر جي 109 تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن کي قومي ورثو قرار ڏيڻ جو فيصلو. سفارشون سنڌ حڪومت حوالي. قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي تاريخي ماڳ "ڪتي جي قبر" کي قومي ورثو قرار ڏيڻ جي سفارش.
6 سيپٽمبر : سنڌ سان وفاق جي بہ اڪيائي. ٻين صوبن جي پيٽ ۾ ترقياتي ۽ غير ترقياتي ڪمن ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر خرچ. مواصلات واري وزارت سينيٽ ۾ گذريل پنجن سالن جا تفصيل پيش ڪري ڇڏيا. سڀ ڪان وڌيڪ ڪي پي تي خرچ.
9 سيپٽمبر: "ارسا ايڪٽ ۾ ترميم قبول ناهي. وفاقيت نہ ٽوڙيو. 91 واري ٺاهہ تي عمل نہ ٿيڻ خلاف سنڌ اسيمبلي مان ٺهراءُ منظور. ترميمي ايڪٽ اٽڻ سنڌ خلاف سازش آهي." ٺهراءَ جو متن.
پهرين آڪٽوبر: مختلف ضلعن ۾ ريتي، بجري، چن جو پٿرءِ ڏنڊ جي لوڻ بابت جاري 218 ليزون رد. ريتي بجري جي چوري روڪرايو. مائنز اينڊ منرلز کاتي پاران ڄامشورو ٺٽي ضلعي جي ڊي سيز ۽ ايس ايس پيز کي خط.
7 آڪٽوبر: ڪراچي ايئرپورٽ ڌماڪو آپگهاتي قرار. ٻہ چيني انجنيئر مارجي وڃڻ جي تصديق. ڌماڪي ۾ 80 ڪلوگرام بارود استعمال ٿيو.
11 آڪٽوبر: سنڌ ۾ نوڪري لاءِ عمر جي حد ۾ 15 سالن بدران مخصوص ڪيسن ۾ رڳو 5 سال رعايت. صحت کاتي جون 731 پوسٽون ختم. پبلڪ سروس ڪميشن جي رول ۾ ترميم. امتحان پاس ڪري نوڪري نہ ڪندڙ جي جاءِ خالي قرار ڏني ويندي.
13 آڪٽوبر: "انتهاپسندي نامنظور." ڪراچي ۾ رواداري مارچ. پوليس گردي تشدد. سنڌ جو نالي وارو دانشور ۽ ليکڪ جامي چانڊيو، سندس نياڻي ۽ ٻيا اڳواڻ ۽ ايڪٽوسٽ گرفتار. نياڻين کي رستن تي گهليو ويو.
سنڌ حڪومت چولستان ڪئنال کي رد ڪري ڇڏيو. احتجاج جو فيصلو.
19 آڪٽوبر: "سنڌو تي 6 ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ تباهہ ٿي ويندي، پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ نہ ڏينداسين." درياهہ بچايو تحريڪ جو بدين ۾ وڏو جلسو. بيداري مارچ مختلف شهرن ڪان ٿيندو بدين پهچي ويو.
ملڪ ۾ پوليو جا وڌيڪ 6 ڪيس ظاهر. هلندڙ سال تعداد 39 تي ويو. بلوچستان ۾ 3، ڪي پي ۾ هڪ ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد سنڌ ۾ پڻ ٻہ ڪيس ظاهر ٿي پيا.
22 آڪٽوبر: سنڌ ۾ ننڍا ڊيم ٺاهڻ وارو منصوبو ناڪام. ڪم ٻڙي. 24 مان 22 ارب خرچ ظاهر. آبپاشي کاتي پاران ورلڊ بينڪ جي فنڊنگ سان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڊيم ٺاهڻا هئا جيڪي نہ ٺهيا.
24 آڪٽوبر: ايم 9 موٽروي حيدرآباد بدران ڪراچي ڪان سکر تائين ٺهندو. وفاق ۽ سنڌ سرڪار ۾ اتفاق. وفاقي حڪومت لياري ايڪسپريس وي، ٺٽي ڪان ڪوٽڙي روڊ سنڌ سرڪار حوالي ڪرڻ تي راضي.
29 آڪٽوبر: "سنڌ سان نانصافي پئي ٿئي. 2003ع ڪان حصي جو پاڻي نہ پيو ملي. نہ ئي 1991ع ٺاهہ تي عمل پيو ڪيو وڃي." سنڌ سرڪار جي وفاق ڪان شڪايت. آبپاشي واري وزير جو واضح موقف. سنڌو تي ڪئنال اڏڻ نہ ڏينداسين.
نومبر 6: سنڌ ڪابينا پاران بجلي منصوبي لاءِ ٺٽي جي 1674 ايڪڙ زمين خانگي ڪمپني کي ڏيڻ جي منظوري.
نومبر 23: سنڌو درياهہ تي ڇهہ ڪئنال ٺاهڻ جو منصوبو فوري طور روڪڻ جو مطالبو. آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ وڏي وزير مراد علي شاهہ سميت پي پي، ن ليگ، جي ڊي اي، ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي، ڪيو اي ٽي، جسقم ۽ مرڪزي مسلم ليگ جي شرڪت.
پهرين ڊسمبر: سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ ڪي ٽي اين، ڪشش ۽ ڪاوش جي سڏ تي ثقافتي ڏهاڙو روايتي جوش ۽ جذبي سان عيد طور ملهايو ويو. "اسين سنڌوءَ جا وارث آهيون" جي سري هيٺ ايڪتا جي ڏينهن تي هرطرف اجرڪ، سنڌي ٽوپي جي بهار هئي. ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش پاران پريس ڪلب ڪراچي آڏو مرڪزي تقريب ۾ عوام جو سمنڊ اٿلي پيو.
3 ڊسمبر: 1991ع واري ٺاهہ تي عمل درآمد ڪرائڻ جي خاطري. ڪوسٽل هاءِ وي کي اڪنامڪ زون بنائڻ تي اتفاق. ڪراچي ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير احسن اقبال جو چوڻ آهي تہ ڪوبہ ٻئي صوبي جي پاڻي تي ڌاڙو نٿو هڻي سگهي. چارئي صوبا 1991 واري ٺاهہ تي متفق آهن.
ڊسمبر 4 : فوتي ڪوٽا ختم. يونيورسٽيز ۾ وي سيز جي مقرري جو معيار تبديل. بورڊز ۾ سڌارن لاءِ ڪميٽي قائم. وڏي وزير جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جي اجلاس جي فيصلن جو پڌرنامو جاري.
ڊسمبر 11 : ستين اين ايف سي ايوارڊ سان مالياتي ڍانچو تباهہ ٿيو. نظرثاني جي ضرورت آهي، وفاق جي سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي کي ڄاڻ. اين ايف سي ايوارڊ تي نظرثاني جي اپيل ڪري ڇڏي.
13 ڊسمبر: چيني ۽ پاڪستاني سيڙپڪارن ڪراچي جي پنج اهم منصوبن جي ايم اويوز تي صحيحون ڪري ورتيون. منصوبن ۾ اليڪٽرڪ ڪار جي لوڪل اسيمبلنگ، سولر پينل مينوفيڪچرنگ، ڏابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ۽ ميڊيڪل سٽي جو قيام شامل.
16 ڊسمبر: اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو گهٽائڻ بابت موقف رد. وڏو وزير مراد علي شاهہ چوي ٿو تہ آئين اين ايف سي ايوارڊ ۾ تبديلي جي اجازت نہ ٿو ڏئي. نئون ايوارڊ وڌندو پر گهٽ نہ ٿيندو.
18 ڊسمبر : سنڌو درياهہ تي تڪراري ڪئنال ٺاهڻ واري منصوبي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ هڙتال. حيدرآباد، لاڙڪاڻي، سکر ۽ شهيد بينظيرآباد جا اڪثر ڪاروباري مرڪز بند رهيا. ڊاڪٽر قادر مگسي جو چوڻ هو تہ سنڌو تي ڪئنال اڏي صوبي کي موت جي وادي ۾ تبديل ٿيڻ نہ ڏينداسين.
24 ڊسمبر: ڪنگريءَ ۾ قبيلائي جهيڙي ۾ ٻن سڳن ڀائرن سميت پنج ڄڻا قتل ٿي ويا. وڏا ماڇيون واري علائقي ۾ سولنگي ناريجا تڪرار ڀڙڪي پيو. گاگڙي روڊ تي هٿياربند ٽن ڄڻن کي نشانو بڻايو. پلاٽ ۾ ڪير ڪپائيندڙ ٻن سڳن ڀائرن سميت ٽي ڄڻا قتل ٿي ويا.
27 ڊسمبر : ڳڙهي خدابخش ۾ مسلم دنيا جي پهرين چونڊيل وزيراعظم شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 17هين ورسيءَ جي تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن جي شرڪت. "پاڪستان خلاف عالمي سازشون ٿي رهيون آهن، انهن جي خواهش آهي تہ ڪوبہ مسلمان ملڪ ائٽمي طاقت نہ هجي." چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو جو ڳڙهي خدابخش ۾ جلسي کي خطاب. هن چيو تہ "عمران خان هڪ بهانو آهي، پاڪستان جو ائٽمي پروگرام اصل نشانو آهي."
"شهيد ڪڏهن بہ مرندا ناهن، پاڪستان کي سازشين ڪان بچائينداسين." صدر مملڪت آصف علي زرداري جو ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي کي خطاب. هن چيو تہ، "جيڪڏهن ڪا سپر پاور آهي تہ اها مولا جي ذات آهي. 43 سالن بعد ثابت ٿيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو هو."
سال 2024 پاڪستان معاشي ۽ سياسي مسئلن جو شڪار رهيو. حڪومت جي وڏين دعوائن جي باوجود عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ سهولتن جو فقدان رهيو. سال 2025ع جي آمد آمد آهي. دعا آهي تہ نئون سال سنڌ سميت سڄي ملڪ لاءِ سک سٽائي جو پيغام کڻي اچي. آمين
"سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين." (ڀٽائي) ■

# سال 2024: دنيا جا ڪجھ اهم واقعا



هوائي جهاز جي حادثي ۾ جان وڃائيندڙ ايراني صدر ابراهيم رئيسي



شهادت ماڻيل حماس اڳواڻ اسماعيل هنيہ



اسرائيلي فاشسٽن سان وڙهندي جان ڏيندڙ حماس جو اهم اڳوڻ يحيٰ سنوار



حزب الله جو سربراهہ حسن نصرالله

3 جنوري: ايران جي شهر ڪرمان ۾ قاسم سليماني جي چوٿين ورسي جي موقعي تي سندس مقبري پرسان ٻہ ڌماڪا ٿيا، جن ۾ 103 ڄڻا شهيد ۽ 203 زخمي ٿيا. ان وقت هزارين ماڻهو موجود هئا.
14 جنوري: مالديپ جو ڀارت کي پنهنجي فوج 15 مارچ تائين واپس گهرائڻ جو الٽيميٽم. فوج جي موجودگي سبب ٻنهي ملڪن وچ ۾ سخت ڇڪتاڻ.
15جنوري: اسرائيل جي غزه ۾ اسپتالن ۽ اسڪولن تي بمباري. 132 فلسطيني شهيد ٿي ويا. ويڙهاڪن جي قابض فوج سان جنگ جاري. تل ابيب ۾ هڪ اسرائيلي مارجي ويو.
21 جنوري: افغانستان ۾ دهشت گردن جي پناهہ گاهن جي موجودگيءَ جون شاهديون سامهون اچي ويون. ڪنڙ ۾ ٽي ٽي پي جي مدرسي جي دستاربندي جي تقريب ۾ عظمت لالا ۽ مولوي فقير پڻ موجود.
23 جنوري: حماس جي وڏي ڪارروائي. 24 اسرائيلي فوجي مارجي ويا. حملن ۾ وڌيڪ 200 فلسطيني شهيد ٿي ويا.
26 جنوري: روس جو يوڪرين جا جنگي قيدي کڻي ويندڙ جهاز تباهہ. 73 ڄڻا فوت. جهاز کي ڪرندي ئي باهہ لڳي وئي. عملي جا 5 ڄڻا ۽ 3 روسي فوجي پڻ سوار هئا.
15 مارچ: غزه تي اسرائيلي ظلمن خلاف قومي اسيمبلي ۾ مذمتي ٺهراءُ منظور. اسرائيلي حملن خلاف ٺهراءَ تي اتحادي ميمبرن غلطي سان مخالفت ڪئي. اسپيڪر کي درستگي ڪرڻي پئي.
25 مارچ: سلامتي ڪائونسل ۾ غزه جنگبندي لاءِ ٺهراءُ منظور. ويٽو نہ ڪرڻ تي اسرائيل جي آمريڪا تي ڪاوڙ. اسرائيلي وفد جو دورو ملتوي.
15 اپريل: ايران جو اسرائيل تي حملو. ڪروز ميزائيل ۽ 100 ڊرونز فائر. سامونڊي جهاز تي پڻ قبضو. آبنائي هرمز ۾ عرب امارات ڪان 80 ڪلوميٽر پري ايراني ڪمانڊوز هيلي ڪاپٽرن مان لهي، اسرائيلي جهاز تي قبضو ڪري ورتو.
22 مئي: ايراني صدر رئيسي جو هيليڪاپٽر آذربائيجان جي سرحدي علاقي مان واپس تهران ويندي حادثي جو شڪار. صدر رئيسي ۽ پرڏيهي وزير سميت 9 ڄڻا هيليڪاپٽر حادثي ۾ فوت ٿيڻ جي تصديق. لاش ملي ويا. ايران پاران 5 ڏينهن سوڳ جو اعلان.
31 جولاءِ: حماس سربراهہ اسماعيل هنيہ تهران ۾ اسرائيلي ميزائيل حملي ۾ شهيد. ايران پاران بدلو وٺڻ جو اعلان. اسماعيل هنيہ ايراني صدر مسعود پيزڪشيان جي حلف برداري تقريب ۾ شرڪت لاءِ تهران پهتل هئو.
4 آگسٽ: بنگلاديش جي وزيراعظم حسيناواجد استعفيٰ ڏئي ڀارت فرار. وزيراعظم هائوس ۾ ڦيج ڊاهہ. شيخ مجيب جو مجسمو ڊاهي پٽ. آرمي چيف پاران عبوري حڪومت جو اعلان. اپوزيشن ليڊر خالده ضيا آزاد.
پهرين آڪٽوبر: وچ اوڀر ۾ وڏي جنگ شروع. ايران پاران اسرائيل تي 200 بيلسٽڪ ميزائيلن سان حملو. اسرائيل جو دفاعي نظام تباهہ. "ٻيو حملو وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندو." آيت الله خامنہ اي جو چتاءُ.
17 آڪٽوبر: حماس جو نئون سربراهہ يحييٰ سنوار پڻ شهيد.
26 آڪٽوبر: اسرائيل جا ايران تي حملا. ايٽمي پلانٽ سميت 20 هنڌن تي ميزائيل فائر. چار فوجي جوان شهيد. ايراني فوج جو چوڻ هو تہ هو ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهن.
5 نومبر: آمريڪي چونڊن ۾ ڊونالڊ ٽرمپ ٻيهر صدر چونڊجي ويو. وڪٽري تقرير دوران دنيا مان جنگيون ختم ڪرائڻ جو اعلان. پاڪستان سميت عالمي اڳواڻن جون واڌايون.
8 ڊسمبر: شام ۾ صدر بشارالاسد جي حڪومت جو تختو اونڌو. شامي باغين دمشق ۾ پهچي فتح جو اعلان ڪري ڇڏيو. شامي صدر ملڪ مان فرار ٿي روس پهتو. حيئت التحرير طرفان ملڪ تي قبضي بعد سمورا ايئرپورٽس بند. 250 پاڪستاني زائرين ڦاسي پيا.
25 ڊسمبر: آذربائيجان جو جهاز قازقستان ۾ ڪري تباهہ. 39 ماڻهو فوت. 33 زخمي. جمهوريہ چيچن جي راڄڌاڻي گروزني ويندڙ جهاز جو ڪوهيڙي سبب رستو تبديل ڪيو ويو. پکين جي ولر جهاز سان ٽڪرائجڻ جا اطلاع. ■

*تحقيقي رپورٽ: اعجاز شيخ*

# 2024ع سنڌ ۾ صحت جي سهولتن جي صورتحال

سنڌ سرڪار جو مفت ايمبولينس وارو پروجيڪٽ قابل ذڪر آهي، پر ان کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سنڌ جي سمورين ايمبولينس سروسز سرڪاري يا سماجي تنظيمن تحت هلندڙن کي هڪڙوئي فون نمبر ڏنو وڃي ۽ سرڪار ان کي فنڊ ڏئي مريضن کي اها سهوليت مفت پهچائي وڃي ته، عوام سان وڏي ڀلائي ٿيندي. هر ايمبولينس ۾ هڪ ڊاڪٽر، آڪسيجن، ايمرجنسي ۾ ڪم ايندڙ دوائون ۽ مصنوعي ساهه واري مشين به موجود هجي. جيڪا منٽن ۾ پهچي وڃي ۽ مريض کي سندس مرض مطابق اسپتال ۾ پهچائي ته واهه واهه ٿي ويندي. اهو مون سويڊن ۾ ڏٺو جتي پنجن منٽن جي فاصلي تي ايمبولينس موجود هئي. ڪيناڊا ۾ ايمبولينس ۾ ڊاڪٽر ۽ پوليس وارو ساڻ هوندو آهي. علاج ايمبولينس ۾ شروع ٿي ويندو آهي. ايمبولينس جي عملي کي معلومات هوندي آهي ته مريض کي ڪهڙي اسپتال ۾ پهچائڻو آهي.





مرلي ڌر

سنڌ ۾ جوانن جو تعداد قابل ذڪر آهي. ملڪ جي 50.3 ملين آبادي مان 56 سيڪڙو 15 کان 64 سالن جي عمر جا ماڻهو آهن. 27 سيڪڙو 6 کان 14 سالن ۽ 14 سيڪڙو 5 سالن جي عمر کان ننڍا آهن. معاشي خوشحالي ماڻڻ لاءِ ضروري آهي ته، هتان جا ماڻهو تندرست هجن، خاص ڪري جوان ۽ عورتون. اهو انتهائي اهم آهي ته ڄمڻ، مائرن جي صحت، ٻارن جي نشونما ۽ کاڌ خوراڪ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. اهو فقط سرڪار ۽ رياست ئي ڪري سگهي ٿي.

سنڌ ۾ ڪجهه عرصي ۾ نون ڄاول ٻارن جي موت ۾ گهٽتائي آئي آهي. هزار مان 93 فوتگين مان اهو انگ اڄڪلهه 77 تي پهتو آهي. ٻارن جي وزن ۽ قد ڪاٺ ۾ به بهتري آئي آهي. 56 سيڪڙو ڪمزور ٻارن مان گهٽجي 49 سيڪڙو ٻار ڪمزور پيدا ٿيا. ويڪسين جو انگ به وڌيو آهي. هاڻي وڌيڪ ٻارن کي ويڪسين لڳرائي وڃي ٿي. نون ڄاول ٻارن جي موت ۾ گهٽتائي ان ڪري آئي آهي جو هاڻي عورتن جو وڌيڪ تعداد اسپتالن ۾ ويم ٿو ڪرائي. شهرن ۾ معاشي صورتحال ۽ صحت جون سهولتون ڳوٺن جي ڀيٽ ۾ بهتر آهن، تنهن ڪري اتي ويم دوران عورتن جي فوتگين ۾ گهٽتائي ڏسجي ٿي. اتي اميونائيزيشن جو تعداد به بهتر نظر آيو آهي. ڳوٺاڻي سنڌ جي صورتحال ايتري چڱي ڪونهي. سنڌ سرڪار جو سائبر نائيف، پيٽ سي ٽي اسڪين_ روبوٽ واري سهوليت، اين آءِ سي وي ڊي جون سنڌ ۾ برانچون، جن ڪيترين ئي جانيون بچائڻ ۾ پنهنجو حصو وڌو ۽ گمبٽ انسٽيٽيوٽ، انهن ادارن جي مالي مدد، جيڪي سرڪاري ڪونهن، پر ماڻهن کي صحت جون سهولتون پهچائن ٿا. سڀ قابل ذڪر آهن، پر اڃان گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي، وڏيون اسپتالون به شهرن ۾ وڌيڪ تعداد ۾ ۽ بهتر حالت ۾ آهن.

سنڌ ۾ فقط 32.7 سيڪڙو ٻارن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرايا ويا، جنهن ۾ گهٽائي شهرن سان واسطو رکندڙ ٻارن جي هئي. ان ۾ به گهٽائي وري پئسي وارن جي هئي. سنڌ پهريان کان ته بهتر آهي، پر ويم دوران عورتن جي فوتگين ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ هتي ڪا بهتر صورتحال ڪونهي. ڳورهائپ دوران موت جو تعداد سنڌ ۾ هڪ لک مان 345 آهي، جڏهن ته پنجاب ۾ اهو انگ 219 آهي. ويم دوران مائرن جي موت جو انگ هڪ لک مان 224 آهي، جڏهن ته پنجاب ۾ اهو انگ 157 آهي.

پنجن سالن جي عمر تائين موت جو انگ سنڌ ۾ 77 سيڪڙو آهي، جيڪو قومي انگ جي لڳ ڀڳ آهي، جيڪو 74 سيڪڙو آهي. بلوچستان ۾ اهو انگ 78 سيڪڙو آهي، جيڪو سنڌ کان خراب آهي، جڏهن ته خيبر پختونخواهه ۾ 64 سيڪڙو آهي، جيڪو به سنڌ کان بهتر آهي. وڌندڙ آباديءَ جي روڪٿام ۾ فقط 31 سيڪڙو عورتون حصو وٺن ٿيون ۽ بچاءَ جا طريقا استعمال ڪن ٿيون. سنڌ ۾ فقط 54 سيڪڙو عورتون صحت جون سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿيون. سنڌ ۾ فقط 46 سيڪڙو عورتون اڪيلي سر ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ وڃي سگهن ٿيون. 10 سيڪڙو کي خاندان جا مرد اسپتالن ۾ علاج لاءِ ڪونه ٿا وٺي وڃن. ان جو وڏو سبب ڏوڪڙن جو نه هجڻ آهي.

ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام ڪافي مسئلن جو شڪار آهي. اهو 1994 ۾ عورتن ۽ ٻارن جي صحت جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ شروع ٿيو هيو ۽ جنهن ۾ سماج سيوا ۽ سماج جي شموليت ڪرائڻي هئي. هڪ رپورٽ جيڪا 2024 ۾ ٿنڪ ويل ڊاٽ گلوبل ۾ ڇپي، اها هن پروگرام جي ڪوتاهين کي ظاهر ڪري ٿي. سال 2024 ۾ هن پروگرام فقط 43 سيڪڙو صوبي جي آبادي کي مدد پهچائي. جيڪڏهن ضلعي سطح تي ڏسجي ته اهو پروگرام سجاول جي 33 سيڪڙو آبادي کان وٺي 80 سيڪڙو دادو جي آبادي کي سهولت پهچائي ٿو. ان ۾ به هر ضلعي ۾ وڏو تفاوت آهي. سنڌ سرڪار انهن مسئلن تي سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي.

سرڪار ليڊي هيلٿ ورڪرز جو تعداد پڻ وڌائڻ جو سوچيو آهي، جنهن ۾ 2027 تائين انهن جو تعداد 19000 مان وڌائي 30000 ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. 2024 کان 2030 تائين وڌندڙ آباديءَ جي حساب سان ان پروگرام کي وڌائڻو پوندو. سرڪار کي ماڻهن کي بيمارين کان بچائڻ طرف ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ جيڪڏهن بيماري ٿي وڃي ته بيماريءَ جي پيچيدگين کان بچائڻ طرف سوچڻو پوندو. 2022 جي ٻوڏ به سنڌ کي وڏو نقصان پهچايو. جنهن دوران 700 صحت جي ادارن کي نقصان پهتو ۽ 100 اسپتالن کي ان ٻوڏ بلڪل به تباهه ڪري ڇڏيو هو. سنڌ ۾ هيلٿائين هيٺيان بنيادي صحت جا ادارا ڪم ڪري آهن: 125 رورل هيلٿ سينٽر، 757 بنيادي صحت گهر، 792 ڊسپينسريز، 67 مائرن ۽ ٻارن جي صحت جا ادارا. رورل صحت گهرن ۾ ڏينهن جو مريض ڏٺا ويندا آهن. ٿوري گهڻي ايمرجنسي به ڏٺي ويندي آهي. داخلا جي سهوليت به آهي، پر وڏي پيماني تي استعمال ۾ ڪونه ٿي اچي. بنيادي صحت گهرن ۽ ڊسپينسريز ۾ 2 وڳي تائين دوائون ڏنيون وينديون آهن. هزار ڏينهن واري پروجيڪٽ جو مقصد ڇا آهي؟ سنڌ ۾ هن پروجيڪٽ جو ڪم سيلاب ۾ متاثر صحت جي ادارن جي بحالي آهي. سنڌ جي صحت لاءِ بجٽ 24_25 ۾ 334 ارب رکيا وئي، جيڪا گذريل سال جي بجٽ کان 32 سيڪڙو وڌيڪ آهي، پر جيڪڏهن جي ڊي پي جي حوالي سان ڏسجي ته اها گهٽ آهي ۽ صحت جي اداري طرفان ٻڌايل تعداد کان گهٽي گهٽ.

سنڌ جو مفت ايمبولينس وارو پروجيڪٽ قابل ذڪر آهي، پر ان کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سنڌ جي سمورين ايمبولينس سروسز سرڪاري يا سماجي تنظيمن تحت هلندڙن کي هڪڙوئي فون نمبر ڏنو وڃي ۽ سرڪار ان کي فنڊ ڏئي مريضن کي اها سهوليت مفت پهچائي وڃي ته، عوام سان وڏي ڀلائي ٿيندي. هر ايمبولينس ۾ هڪ ڊاڪٽر، آڪسيجن، ايمرجنسي ۾ ڪم ايندڙ دوائون ۽ مصنوعي ساهه واري مشين به موجود هجي. جيڪا منٽن ۾ پهچي وڃي ۽ مريض کي سندس مرض مطابق اسپتال ۾ پهچائي ته واهه واهه ٿي ويندي. اهو مون سويڊن ۾ ڏٺو، جتي پنجن منٽن جي فاصلي تي ايمبولينس موجود هئي. ڪيناڊا ۾ ايمبولينس ۾ ڊاڪٽر ۽ پوليس وارو ساڻ هوندو آهي. علاج ايمبولينس ۾ شروع ٿي ويندو آهي. ايمبولينس جي عملي کي معلومات هوندي آهي ته مريض کي ڪهڙي اسپتال ۾ پهچائڻو آهي.

سنڌ سرڪار جو پي پي ايڇ آءِ پروگرام عوام لاءِ لاڀائتو آهي، پر ان کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ جي ضرورت آهي. هڪ تحقيق مطابق جيڪا بي ايم سي هيلٿ ريسرچ 2014 ۾ ڇپي، ان ۾ لکيل آهي ته، انهن ٻن سهولتن کي ڀيٽيو ويو: هڪ سرڪار جي سرپرستي ۾ هلندڙ ۽ پي پي ايڇ آءِ جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ. ان ۾ ڏٺو ويو ته پي پي ايڇ آءِ جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ هيلٿ يونٽ بهتر حالت ۾ ڏٺو ويو. اهو حال ٻين گهٽ آمدني وارن ملڪن ۾ به ڏٺو ويو آهي. سرڪاري سرپرستيءَ ۾ هلندڙ ادارا پرائيويٽ يا ڪنهن اين جي او تحت هلندڙ ادارن کان گهٽ مفيد ڏٺا ويا.



اسان وٽ جنهن اداري جا سربراهه عوام دوست ۽ ماڻهن جا هڏ ڏوکي آهن، انهن ادارن ۾ تمام گهڻي بهتري ڏٺي وئي آهي، جيئن سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي ۽ ٽرانسپلانٽ (ايس آءِ يو ٽي)، جنهن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ماڻهن کي مفت علاج پهچائي سگهجي ٿو. جنهن جو سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي آهي، جنهن ستن بسترن کان اهو وارڊ شروع ڪيو ۽ هزارن بسترن جو هڪ مربوط صحت جو نظام ٺاهيو، جتي گردي، مثاني کان وٺي دل، جگر، اکين، ڪن، نڪ، ڳلي عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر، شگر ۽ ٻارن جي بيمارين جا شعبا شامل ڪيا، جتي جديد طريقن سان مفت علاج مهيا ڪيو وڃي ٿو ۽ جتي روبوٽ جهڙي جديد سهوليت پڻ آهي. اهو ادارو سرڪار ۽ سماج جي گڏيل مدد سان لکين مريضن کي مفت علاج جون سهوليتون پهچائي پيو.

ايس آءِ يو ٽي ۽ دل واري اداري_ اين آءِ سي وي ڊي وانگر ٻارن ۽ عورتن جي بيمارين جا ادارا به پوري سنڌ ۾ کوليا وڃن ته ماڻهن لاءِ آساني ٿئي. ڪينسر جي علاج جي ادارن ۽ ٽراما سينٽر جي به کوٽ آهي، ان تي به ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. سنڌ سرڪار شهرن ۾ اسپتالون قائم ڪري پئي، پر ڳوٺن ۾ اڃان صحت جون سهولتون ڪونهن ۽ اُتي بيمارين کان بچڻ جو بندوبست ڪونهي. مليريا، ٽي بي، ٽائيفائيڊ ۽ ڊينگي زورن تي آهن. پوليو وري وري تيزي سان ٻارن کي متاثر ڪري پيو. سرڪار ان طرف هنگامي بنيادن تي سوچي.

ويجهڙائيءَ ۾ ڊپٿيريا يعني خناق متاثر ٻارڙا ڏٺا ويا. ان جو مقصد اهو آهي ته انهن کي ڊپٿيريا خلاف ويڪسين جو بوسٽر ڊوز نه لڳو. ماڻهن کي آگاهي پهچائڻ جو ڪم سرڪار، ميڊيا سان گڏجي ڪري سگهي ٿي.

ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ته هڪ تحقيق جيڪا بدين متعلق ڪئي وئي، ان ۾ جاچايو ويو ته، بدين کي 201 بنيادي صحت جا گهر، 37 رورل هيلٿ سينٽر ۽ 746 ڊسپينسريز ڪپن. ان ۾ ڪنهن وڏي اسپتال جو ذڪر ڪونهي. اها تحقيق هاسپيٽلس 2024 جي شماري ۾ ڇپي آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته، اسان ڪنهن به طرح پاڻ کي آمريڪا، چين، اٽلي، برطانيا ۽ روس سان ڀيٽي نه ٿا سگهون. اسان گهڻو پٺتي پيل آهيون. بدين ته تمام گهڻو پٺتي آهي. ساڳيو حال ٻين ضلعن جو به آهي.

هڪ زماني ۾ سکر کي ميڊيڪل سٽي بڻائڻ جي ڳالهه ڪئي وئي هئي. ايس آءِ يو ٽي، اين آءِ سي وي ڊي ۽ ٻارن جون اسپتالون سکر ۾ آهن. عورتن جي بيمارين، دماغ جي بيمارين جي علاج، ٽراما سينٽر ۽ برنس وارڊ جهڙن شعبن جي سخت ضرورت آهي. اهڙا ادارا هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ کولڻ جي ضرورت آهي. انکري صحت جو ڪو مربوط نظام ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جتي صحت مفت هجي ۽ گهر جي ڀر پاسي ۾ مهيا ٿيل هجي. سرڪار جيستائين اڪيلي سر ان قابل ٿئي، تيستائين سرڪار ۽ سماج گڏجي ماڻهن جي واهر ڪن. گڏجي ادارا کولين ۽ ماڻهن کي مفت صحت جون سهولتون مهيا ڪن. ڇاڪاڻ ته صحت بنا ڪنهن فرق جي هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي. اسين دنيا جي صحت واري اداري (WHO) جي الما آتا واري ڊڪليريشن جا صحيح ڪنڌڙ آهيون، جنهن ۾ چيل آهي ته، ماڻهن کي صحت جون سهولتون پهچائڻ حڪومت جي ذميداري آهي. ■

# موسمي تبديلين ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب به ڪڻڪ ۽ ووڻٽن جي پيداوار گهٽي

سنڌ 2023_24 دوران ڪڻڪ جي هڪ ڪاتي مطابق صرف 33.7 مڻ في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪئي، جنهن وٽ ڪڻڪ جي پوکيءَ جو تجربو موهن جي دڙي واري صديون پراڻي دور جو موجود آهي. اهڙي طرح اسان جي ووڻٽن جي پيداوار باقي دنيا کان تہ گهٽ آهي پر ساڳئي وقت گذريل سال جي ڀيٽ ۾ اسان جي ايراضي ۽ پيداوار ٻئي گهٽيون آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي سنڌ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ مکيہ فصلن ۾ بهتر پيداوار حاصل ڪندي رهي آهي.



مصطفيٰ نانگراج

اسان اڄ جڏهن سنڌ جي زراعت جي سال 2024 جو جائزو وٺڻ لڳا آهيون تہ ان کان پهرين اسان کي پنهنجي زراعت جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻو پوندو، جنهن سان اسان کي پنهنجي زرعي ترقيءَ جي حالت جو ڪاٿو لڳائڻ ۾ آساني ٿيندي. سنڌ جي زرعي تاريخ جو ابتدائي وڏي ترقيءَ جو دور موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليل شاهديون آهن، جنهن کي گذرئي 3924 سال ٿيا آهن. ايترن سالن کان پوءِ اسان کي اها ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ ان وقت جيڪا اسان جي ترقي هئي، تنهن کي نظر ۾ رکندي اڄ اسان ڪٿي بيٺا آهيون ؟ تہ اهو لڳي ٿو تہ اسان پنهنجي ئي ترقيءَ جي ڀيٽ ۾ (جيڪا دنيا ان دور ۾ زرعي ترقيءَ ۾ نظر نٿي اچي) بلڪل ئي نظر ناهيون اچي رهيا.

**موهن جي دڙي جي دور جي زراعت**

موهن جو دڙو، جيڪو سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب (2600–1900 ق.م.) جو هڪ وڏو شهر هو، ان جي زراعت انتهائي ترقي يافتہ ۽ جديد هئي، جيڪا ان جي مضبوط زرعي معيشت جو بنياد هئي. آبادگارن سنڌو درياهہ جي زرخيز ميداني علائقن کي استعمال ڪندي ڪڻڪ، جوَ، مٽر، ٻاجهري ۽ ووڻٽن جهڙا مختلف فصل پوکيا پئي. سنڌو ماٿريءَ کي دنيا جي انهن شروعاتي خِطن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي، جتي ووڻٽن جي پوک ڪپڙي جي صنعت لاءِ ڪئي وئي.

موهن جو دڙو جي ماڻهن آبپاشي جا ترقي يافتہ طريقا استعمال ڪيا، جن ۾ واهہ ۽ تلاءَ شامل هئا، جيڪي پاڻيءَ کي منظم ڪرڻ ۽ سوڪهڙي وارن وقتن دوران مسلسل فصلن جي پيداوار کي يقيني بڻائڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا. جديد پاڻيءَ جي انتظام جو اهو نظام غير يقيني برساتن کي منهن ڏيڻ ۽ شهر جي گهڻي آبادي کي سنڀالڻ لاءِ اهم هو.

گهريلو سطح تي چوپايو مال پالڻ:

ڍڳئون، رڍون ۽ ٻڪريون، زرعي ۽ خوراڪ جي حاصلات وارين سرگرمين لاءِ استعمال ٿينديون هيون ۽ کير، گوشت ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ اهم وسيلو هيون. زرعي پيداوار ۾ اضافو سنڌو ماٿريءَ جي اندروني واپار ۽ پري پري جي علائقن سان واپار کي وڌايو، جيڪو شهر جي خوشحاليءَ ۾ مددگار ثابت ٿيو.

**همعصر تهذيبن سان ڀيٽ**

پنهنجي عروج دوران سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ شهري معاشرن مان هڪ هئي، جيڪا ميسوپوٽيميا، قديم مصر ۽ قديم چين سان ڀيٽ هيٺ هئي.

- **ميسوپوٽيميا:** ميسوپوٽيميا ۽ سنڌو ٻئي آبپاشي تي ڀاڙيندا هئا، پر سنڌوءَ جو نظام وڌيڪ هموار ۽ ڪارائتو هو، جنهن جو هڪ سبب قدرتي ٻوڏن تي بهتر ڪنٽرول ۽ غير مرڪزي انتظامي طريقو هو. جڏهن تہ ميسوپوٽيميا جا شهر اڪثر پاڻيءَ جي حقن تي تڪرار جو شڪار ٿيندا هئا.
- **قديم مصر:** نيل درياهہ جي اڳڪٿي ڪندڙ ٻوڏن کي سنڌوءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽ مصنوعي آبپاشي جي ضرورت هئي، تنهن هوندي، سنڌو ماٿري مختلف فصلن جي ، خاص طور تي ڪپهہ جي پيداوار ۾ منفرد هئي. اهڙي قسم جي ان وقت مصر ۾ پوکي نہ ويندي هئي.
- **چين:** قديم چيني زراعت ٻاجهري ۽ چانورن تي مرڪوز هئي، جيڪي جاگرافيائي طور محدود فصل هئا. ان جي ابتڙ سنڌو ماٿريءَ جي فصلن جي تنوع ۽ زراعت کي واپار ۽ شهري منصوبابندي سان ترقي يافتہ نموني سان گڏ ڪرڻ، قديم چيني طريقن کي پٺتي ڇڏي ڏنو.

**سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب غير مرڪزي زرعي انتظام :**

مختلف فصلن جي پوکي ۽ شهري منصوبابندي ۾ زراعت جي شموليت ۾ اڳواڻ هئي. ان جي ڪپهہ جي پوک عالمي زرعي تاريخ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو، جيڪو ان جي ماڻهن جي جدت ۽ پنهنجي ماحول سان هم آهنگي کي ظاهر ڪري ٿو. اها ترقي ان کي ميسوپوٽيميا، مصر ۽ چين جي تهذيبن جي برابر ۽ ڪجهہ پاسن ۾ انهن کان اڳڀرو بڻائي ٿي.

**سنڌ جي زراعت سال 2024**

زراعت سنڌ جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جيان آهي، جيڪا روزگار، خوراڪ جي حفاظت، ۽ معاشي ترقي ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. هي جائزو 2024 دوران سنڌ ۾ زراعت جي واڌ ويجهہ، چئلينجز، مالي شموليت، ۽ برآمداتي حرڪت جو تفصيل آهي، جنهن ۾ مختلف شعبن تي اثرانداز ٿيندڙ انگ اکر ۽ واقعا شامل آهن. هي دستاويز نہ استعمال ٿيندڙ موقعن، پاليسي قدمن، ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقيءَ کي اجاگر ڪري ٿو، جڏهن تہ ايندڙ سال لاءِ پائيدار ترقيءَ جي حڪمتِ عملين تي بہ روشني وجهي ٿو.




| فصل | سال 2024 | | سال 2023 | |
|---|---|---|---|---|
| | ايراضي هيڪٽرن ۾ | پيداوار ميٽرڪ ٽنن ۾ | ايراضي هيڪٽرن ۾ | پيداوار ميٽرڪ ٽنن ۾ |
| ووڻٽ | 582603 | 2946437.073 | 625772 | 3879666 |
| ڪمند | 285372 | 19358843 | 285161 | 19135356 |
| ساريون | 700253 | انگ اکر ميسر ٿي ناهن سگهيا | 811368 | 3064103 |
| ڪڻڪ | 1380162 | 4591545 | 1238227 | 3940171 |

سنڌ، پاڪستان جو هميشہ کان زراعت جو هڪ اهم مرڪز رهيو آهي، جيڪو پنهنجي زرخيز زمينن ۽ سنڌو درياهہ تي دارومدار رکي ٿو. سال 2024 ۾، موسمي ڦيرڦار، ٽيڪنالاجيءَ جي اختيار ڪرڻ، ۽ پاليسي تي ٻڌل قدمن سبب هن شعبي ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ مختلف ترقيون ڏٺيون ويون. هتي زرعي واڌ ويجهہ جي اشارن، مالي سيڙپڪاري، مکيہ فصلن، باغباني، دالن، تيلدار فصلن، ڀاڄين، برآمداتي ڪاروبار، موسمي چئلينجز، ۽ شعبي جي ڪمزوريءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ قدمن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

**فصلن جي واڌ ويجهہ ۽ پيداوار جا اشارا**

**مکيہ فصل:** جيتوڻيڪ هي ناٽي جي ڪمائيءَ جي لحاظ کان ڪا خوش آئند ڳالهہ ناهي تہ اسان جو زمانن کان وٺي گهڻو زور صرف چئن فصلن ؛ ڪڻڪ ، ڪمند ، سارين ۽ ووڻٽن تي رهيو آهي، جڏهن تہ اسان کي اوتروئي ڌيان ٻين فصلن جهڙوڪ: ڀاڄين، ميون، دالين ۽ تيلدار فصلن وغيره تي بہ ڏيڻ گهرجي ها تہ اڄ پاڪستان تيل کان پوءِ وڏو امپورٽ بل زرعي جنسن تي نہ ڀري ها. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ زور سڄو چئن مکيہ فصلن تي لڳائڻ باوجود اسين انهن مکيہ فصلن مان ڪو گهڻو خاطرخواه منافعو ۽ پيداوار حاصل ناهيون ڪري رهيا، جنهن جو هڪڙو مثال اسين ڪڻڪ جوئي ڪٽي ٿا وٺون. سال 2023 جي لڳايل ڪاتي موجب دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ في ايڪڙ ڪڻڪ جي پيداوار 101.18 مڻ في ايڪڙ نيوزيلينڊ ۽ سعودي عرب ڪنئي آهي. نيوزيلينڊ جي وڌيڪ پيداوار ڪڻڻ واري ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي جو ان ملڪ وٽ زمانن جو تجربو ۽ وسيلا موجود آهن، پر سعودي عرب جو ائين ايڏو وڏو ڇال ڪيئن ڏنو؟ ان تي سوچ ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان جو هڪڙو سبب ڪري ڏيکارڻ واري عزم وارو جذبو نظر ٿو اچي.

جڏهن تہ سنڌ 2023_24 دوران ڪڻڪ جي هڪ ڪاتي مطابق صرف 33.7 مڻ في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪئي، جنهن وٽ ڪڻڪ جي پوکيءَ جو تجربو موهن جي دڙي واري صديون پراڻي دور جو موجود آهي. اهڙي طرح اسان جي ووڻٽن جي پيداوار باقي دنيا کان تہ گهٽ آهي پر ساڳئي وقت گذريل سال جي ڀيٽ ۾ اسان جي ايراضي ۽ پيداوار ٻئي گهٽيون آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي سنڌ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ مکيہ فصلن ۾ بهتر پيداوار حاصل ڪندي رهي آهي.

هتي سنڌ جي ڪجهہ فصلن جي مليل معلومات سامهون رکجي ٿي:

**مکيہ فصلن کانسواءِ ٻين فصلن جي صورتحال**

- **مرچ :** سنڌ، پاڪستان جي مرچن جي پيداوار جو 85 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي، جنهن جي برآمد اٽڪل 50 ملين ڊالرن تائين رهي آهي، پر ان ۾ بہ پيداوار ۽ منافعو وڌائڻ جي گهڻي گهنجائش موجود آهي.
- **ڪاڄرو تيل وارا فصل:** سورج مکي ۽ ڪينولا جي پوک ۾ اٽڪل 15 سيڪڙو واڌ آئي آهي، پوءِ بہ هڪ رپورٽ موجب ڊسمبر مهيني تائين هن سال 2024 ۾ اٽڪل 3 ارب آمريڪي ڊالرن جو ڪاڄرو تيل پاڪستان ۾ گهرايو ويو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ هن درآمدي بل کي گهٽائڻ لاءِ ڪاڄرو تيل وارن فصلن کي هٿي وٺائڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ آبادگارن لاءِ منافعو ۽ ملڪ لاءِ خوشحالي لڪل آهي، پر ان لاءِ ايراضي وڌائڻ بدران پيداوار وڌائڻ لاءِ قدم کڻجن تہ جيئن ٻين فصلن جي ايراضي بہ نہ گهٽجي ۽ مجموعي پيداوار بہ وڌي وڃي ۽ اهو ان ڪري ممڪن آهي جو ٻين ملڪن جي پيداوار اسان کان بهتر آهي
- **ڀاڄيون:** ٽماٽر، بصر ۽ ڀينڊي جي پيداوار مجموعي طور تي اٽڪل 200 ملين ڊالر جو حصو وڌو. البت، فصل ڪٽڻ کانپوءِ وارا نقصان هڪ وڏو چئلينج رهن ٿا.
- باغباني وارو شعبو
- **انب :** سنڌ ۾ انبن جي پيداوار ۾ 10 سيڪڙو واڌ ٿي، جيڪا 100 ملين ڊالر جي

برآمد ۾ مددگار ثابت ٿي. پر جتي نئين پوکيءَ واري طريقي يعني گهاٽا باغ لڳائڻ ۽ انهن کي گهڻو ڊگهو نه ٿيڻ ڏيڻ جي نتيجي ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ منافعو ڪمائي سگهجي ٿو. هن طرف سنڌ ۾ سال 2024ع ۾ ڪجهه بهتري آئي. آبادگار هاڻ گهاٽا ڪري انب ۽ ٻيا فصل پوکڻ لڳا آهن. پر ان لاءِ ننڍي قد وارين جنسن جي ايجاد واري ڪم ۾ تيزي آڻڻ جي ضرورت آهي.

- **ڪتا ميوا:** وچ اوڀر جي مارڪيٽن ۾ ڪتن ميون جي برآمد ۾ 5 سيڪڙو واڌ ٿي، جنهن مان 20 لک ڊالرن جي آمدني ٿي. پر اجان به جي سنڌ جي ڪاغذي ليمن تي تحقيق ڪري ميوي مان ٻج ڪي ختم ڪيو وڃي ۽ ڪتن ميون واري مکيه علائقي ڪنڊيارو ۾ خصوصي زون قائم ڪيو وڃي ته تمام گهڻو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.
- **ڪيلا:** هن فصل جي پيداوار مستحڪم رهي. مقامي استعمال ۽ ننڍي پيماني تي برآمدات اهميت رکي ٿي. پر هن فصل جي به پيداوار وڌائڻ ۽ ويليو ايڊيشن ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. ڪيلي جي ٿڙن مان ڌاڳو تيار ڪرڻ ، پائوڊر ناهڻ ۽ چپس تيار ڪرڻ جي تمام گهڻي گنجائش موجود آهي . ان سلسلي ۾ سال 2024ع ۾ ڪافي تجرباتي ڪم ٿيو. جيڪو ايندڙ وقت ۾ گهڻو فائديمند ثابت ٿيندو.
- **ڪتل:** ڪجين جي پيداوار ۾ 12 سيڪڙو واڌ ٿي، جيڪا 80 ملين ڊالر جي برآمد آمدني ۾ مددگار ثابت ٿي، پر ويليو ايڊيشن گهڻي بهتر نه هئڻ ڪري اتان واري آمدني ملي نه سگهي. جڏهن ته دنيا جي اها مجيل حقيقت آهي ته فصلن جي ويليو ايڊيشن ۾ 80 سيڪڙو وڌيڪ منافعو ڪمائڻ جي گنجائش موجود آهي.

**موسمياتي تبديلين جون مشڪلاتون ۽ پاڻيءَ جي قلت**

- **پاڻيءَ جي قلت:** سنڌو درياهه جي وهڪرن ۾ هڪ اندازي موجب مجموعي طور تي 15 سيڪڙو گهٽتائي ٿي، پر سنڌ ۾ ان ڪان به تمام گهڻي ڪوٽ رهي، جيڪا زراعت تي تمام گهڻو اثرانداز ٿي.
- **غير معمولي موسمي حالتن جا واقعا:** مئي مهيني ۾ گرميءَ جون به اهڙيون لهرون آيون، جن ۾ 52 ڊگري سينٽي گريڊ تي به گرمي پد رهيو ۽ بي ترتيب برساتون پڻ پيون، جن ملي فصلن کي ڪاپاري ڌڪ رسايو.
- **ٻوڏون:** آگسٽ ۾ تيز برساتن سبب وڏي پيماني تي فصلن کي نقصان پهتو. نقصان جو اندازو 86.86 ارب رپيا لڳايو ويو، جنهن ۾ 541،351 ايڪڙن تي پوکيل فصل متاثر ٿيا، جن مان ڪپهه، چانورن ۽ ڪجيءَ جي باغن کي وڌيڪ نقصان پهتو.

**ٽيڪنالاجيءَ جي گهرج ۽ اڳڀرائي**

زراعت کي ترقي ڏيارڻ واسطي ضروري آهي ته جديد ٽيڪنالوجيءَ جو استعمال ڪيو وڃي، جيئن خودڪار نظام تحت فصلن جي حالت جو پتو لڳائڻ . پاڻ پاڻي ڏيڻ جو مقدار ۽ وقت نه صرف متعين ڪرڻ پر خودڪار نظام تحت پورائو ڪرڻ وغيره شامل آهي. ان سلسلي ۾ هن سال ڪافي جاين تي تجربا ٿيا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ ان ۾ اضافو نظر اچي رهيو آهي.

پاڻيءَ جي بهتر استعمال لاءِ ڊرپ ۽ اسپرنڪلر سسٽم تحت فصلن جي آبپاشي ڪرڻ وڏي اهميت رکي ٿو. ان سلسلي ۾ سال 2024ع ۾ ڪافي ڪم ٿيو. سنڌ حڪومت پاران خاص پروگرام پڻ شروع ڪيا ويا.

- **ڊجيٽل پليٽ فارم :** ان سلسلي ۾ به اهم پهلو آهن: هڪ ته آبادگارن کي مشورن ڏيڻ ۾ ڊجيٽل پليٽ فارم استعمال ڪيو وڃي ته جيئن آبادگارن کي وقت بوقت مشورا ۽ معلومات ملي سگهي. ان لاءِ زرعي توسيع، زراعت کاتي سنڌ پاران آءِ سي ٽي زرعي توسيعي سروسز شروع ڪيون ويون آهن ۽ ان سان گڏ مختلف سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن پاران پڻ ان سلسلي ۾ ابتدا ڪئي وئي آهي.
- **اڳائي موبائل فون ايپ :** UgAi هيءَ ايپ پاڻ جي هڪ ڪمپني پاران آڪٽوبر 2024 ۾ متعارف ڪرائي وئي آهي، جنهن ذريعي سنڌ جا آبادگار ڪمپنيءَ کان ان جي اڳهن تي سڌو ڪيميائي پاڻ خريد ڪري سگهندا. ائين آبادگارن کي واپارين کي اضافي قيمت نه ڏيڻي پوندي ۽ وقت سر ڪين پاڻ به ملي سگهندو. پر هيءَ تجرباتي شروعات آهي، جيڪا ڪامياب ٿيڻ سان ٻين ڪمپنين کي به مقابلو ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻو پوندو. جنهن سان زرعي جنسن جي خريد و فروخت ۾ جدت ايندي ۽ آبادگارن لاءِ آساني ٿيندي.

**برآمد جا انگ اکر ۽ رهيل گنجائش وارا پاسا**

**1. زرعي برآمدي ڪارڪردگي**

- زرعي برآمدات : هڪ کاتي موجب سنڌ مان 2024 دوران ڪل زرعي برآمدات 2.3 ارب ڊالرن تائين پهتي آهي، جنهن ۾ چانور، انب، ۽ پروسيس ٿيل ڪنڊ اڳيرا رهيا آهن.
- پروسيس ٿيل شيون : جهڙوڪ: مرچ پائوڊر، ڪنڊ، ۽ ڪجور جو پيسٽ سال 2023 جي ڀيٽ ۾ سال 2024ع ۾ 20 سيڪڙو واڌ ڏيکاري آهي.

**2. زراعت جي رهيل گنجائش وارا پاسا**

- نامياتي زراعت: اعليٰ قدر وارن برآمداتي مارڪيٽن لاءِ نامياتي زراعت جي گنجائش خاص طور تي ٿر ۽ ڪاڇي ۾ تمام گهڻي آهي، جنهن کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي.
- زرعي سياحت: سنڌ جي زرعي ورثي کي سياحت لاءِ استعمال ڪري گهڻو ناڻو ڪمائڻ سان گڏ ماڻهن کي فطرت جي ويجهي آڻي فطري خوشي ڏئي سگهجي ٿي.
- نون فصلن جي پوک: جهڙوڪ: ڪنوا، زعفران، ڪاڄرو تيل واري زيتون جي پوک ۽ دوائن ۽ مصالحن وارن فصلن ڏي ڌيان ڏئي جهجهو ناڻو ڪمائڻ جي گنجائش موجود آهي.
- سبزين جي پروسيسنگ : ڊبن ۾ پيل پاڃين ۽ جميل برف وارين پاڃين جو وڏن شهرن ۾ وڏو مارڪيٽ آهي، جنهن طرف پڻ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

**سنڌ جي زراعت کي درپيش مشڪلاتون**

پاڻيءَ جي کوٽ، موسمياتي تبديلين جا فصلن تي پوندڙ منفي اثر ۽ غيرموثر مارڪيٽنگ اهم مسئلا آهن، جن تي سر جوڙي ويهڻ جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ ضروري انتظام مرحليوار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ■

# ڪتاب خريد ڪرڻ وارن جا مون ميڙ ڏٺا

**ڪيترن نثر ۽ شاعريءَ جي ڪتابن جي مطالعي دوران ايترو به خيال ايندو رهيو ته، ڪاش، اسان جا ليکڪ پنهنجي ڏار ۽ منفرد اسلوب تي به ڌيان ڏين ته ڪيڏو نه سٺو. ڇو ته جيستائين اظهار جي ڏَس ۾ نواڻ نه آڻبي، ته لڳندو سپ ڪاپي پيسٽ آهي.**



نصير مرزا

سال 2024ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب جنهن جيٽ اسپيڊ سان لکيا ۽ ڇپيا ويا آهن، ڇا ان رفتار سان اُهي پڙهيا به ويا؟_ ۽ اهو ڪيئن چئجي! باقي اهو ڏسي منهنجي دل ته باغ باغ ٿي ته، اهو سڀاڳو سال، جڏهن شهر شهر، وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ، مختلف ادبي هستين جي نالي سان منسوب ڪري الائي ڪيترا ڪتابي ميلا، گڏوگڏ لٽريچر فيسٽيولس ۾ ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويا _ ۽ ڪتاب خريد ڪرڻ وارن جا مون ته ميڙ ڏٺا، خاص ڪري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن گهڻو ڪري ته Motivationalڪتاب خريد پئي ڪيا يا تازو تيزيءَ سان شايع ٿيندڙ ناول، سفرناما، شاعري ۽ ڪهاڻيون پئي ورتيون، پر متفرقا موضوعن تي ڪثرت سان ڪتاب خريد ڪيا ويا. جن ڪتابن جي خريداريءَ بابت مون گهڻي پُڇ پُڇان ڏني ته، اُهي هئا يادن ۽ آتم ڪٿائن تي آڌارڪ ڪتاب.

ائين 2024ع دوران، شايع ٿيل ڪتابن جي ڪوانٽيٽي ته خير لاتعداد، پر خاص ڳالهه هيءَ به ته، ڪيترن ڪتابن جي مون کي ڪوالٽي به لاجواب لڳي. گڏوگڏ بهترين بائينڊنگ، شاندار لي آئوٽ ۽ خوبصورت ٽائيٽل. ها، ڪيترن نثر ۽ شاعريءَ جي ڪتابن جي مطالعي دوران ايترو به خيال ايندو رهيو ته، ڪاش، اسان جا ليکڪ پنهنجي ڏار ۽ منفرد اسلوب تي به ڌيان ڏين ته ڪيڏو نه سٺو. ڇو ته جيستائين اظهار جي ڏَس ۾ نواڻ نه آڻبي، ته لڳندو سپ ڪاپي پيسٽ آهي. اجهو هتي جڏهن ڌار ۽ طاقتور اسلوب جي ڳالهه پيو ڪريان ته، منهنجي آڏو جمال ابڙو صاحب آهي، آغا سليم، امر جليل، نسيم کرل، ماڻڪ، مدد علي سنڌي، طارق عالم، نورالهديٰ شاهه يا شاعريءَ ۾ تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ نئين ٽهيءَ مان حسن درس، جن پنهنجي نثر ۽ شاعريءَ ذريعي نت نوان اسلوب ظاهر ڪيا.

بهرڪيف، دورِ حاضر جي ليکڪن واري کيپ، جنهن ۾ ٿورا فڪشن نگار ۽ شاعر اهڙا آهن، جن جو ضرور ايندڙ وقت ۾ اسٽائيل اسٽيبلش ٿيندو ۽ اُهي پنهنجي منفرد ترين ليکڪن جو نعم البدل ضرور ثابت ٿيندا. پانئيان ٿو طارق عالم، غلام نبي سومري، زيب سنڌي ۽ رسول ميمڻ ڪانپوءِ جيڪي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار سامهون آيا آهن ۽ نمايان به ٿي ويا آهن، انهن ۾ انور ابڙو، منير چانڊيو، اڪبر سومرو، ضراب حيدر، ڪليم ٻٽ، اختر حفيظ_ Evenتازو بيدل مسرور پڻ اهڙو فنڪشن نگار، جنهن جي نثر ۾ جلوو ۽ جادو نظر اچي پيو.

هتي خوبصورت ڪتابن جي اشاعت جو سينس رکندڙ ڪجهه ادارن جو ذڪر به ضرور ڪندس، جن سال 2024ع ۾ ڊاڍا پيارا پيارا ڪتاب، شاندار لي آئوٽ سان شايع ڪيا. انهن جي مختصر فهرست ڏيان ٿو: سارنگا پبليڪيشن، ڪنول، نئون نياپو، ڪاڇو، پيڪاڪ، سامروٽي، سمبارا، ڪويتا، سڦلتا، ريڪائون ۽ روشني پبليڪيشن وغيره.

المختصر، هاڻي سال 2024ع دوران شايع ٿيل ڪتابن جي فهرست به ڏسو. جيتوڻيڪ اها مڪمل ته ناهي، پر جن ڪتابن تي منهنجي نظر پئي، اُهي حاضر آهن:

## 2024ع ۾ نَون شايع ٿيل ڪتابن جي بهار

**ناول**

قاتل ڪهاڻين جا پرزا (بيدل مسرور)، ”هُوءَ“ (دريا خان لغاري)، هينئڙو به اڌ (ناشاد رحم علي)، سنڌ ڏانهن ويندڙ ريل (ڪليم ٻٽ)، ڌرتيءَ جو گيت (اختر حفيظ)، جسم هڪ پڳل ٽانءُ (جيا جادواڻي)، انقلابي (ديو ناٿاڻي) ۽ هڪ مهمان ڇوڪري (انور ابڙو، ٽيون ڇاپو).

**سفرنامو**

اندر جنين اُڃ (ماهتاب محبوب، ٻيو ڇاپو)، پنهنجا پر آڪاس ڏي (طارق ڪڇر)، رنگ برنگي راجستان (مڪيش بارٽاڻي)، ڪِي جو گَنهن پارِ (رفيق جعفري) ۽ پوٺوهار ڏي پنڌ (لعل بخش جسڪاڻي)، اٽي هليا استنبول ڏي (جاويد لاڙڪ) ۽ شڪاگو ڪٿا (جاويد لاڙڪ).

**نفسياتي ڪهاڻيون**

**اڌوري ڪٿا (شبنم گل).**

**يادون**

**اسين بس ملياسين (ماهتاب محبوب)**

**تاريخ**

نيٺ تاريخ جي آئيني ۾ (ڊاڪٽر اشوڪ ڏيواڻي)، سئنيما ڪهاڻي (ناظر محمود_ اسلم خواجه) ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج (مختيار احمد ملاح).

**تحقيق**

ڪمري ۾ پوپٽ (شيخ اياز جا هائيڪا، ڊاڪٽر اسحاق سميجو)، سنڌو لکت ۽ سراج (شبير ڪنڀار سميجو)، هڪڙو ماڻهو ڪافي آهي (انور احمد جهنجهي، ايازيات)، هاڻي اڇوت ڳالهائيندو (خليل ڪنڀار)، خانه بدوش خيالن جي اپٽار (بخشل باغي)، ادب، زندگي، سياست ۽



ماڻڪ (مصور حسين)، رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون (هوش محمد ڀٽي) ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي جو تجزيو (هوش محمد ڀٽي).

**شاعري ۽ شاعرن تي تحقيق**

شاهه لطيف: پرڏيهي شاعرن جو فڪري اڀياس (شبنم گل)، ميگهه تاريخ جي آئيني ۾ (ڊاڪٽر اشوڪ ڏيواڻي) ، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ادل سومري جو حصو (منٺار سولنگي)، سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ (رُڪ سنڌي) ۽ ٿري لوڪ گيتن جو اڀياس (نور احمد جَنجهي).

**آتم ڪٿا**

جيڪي جڳ جرڪائي ويا (جيجي زينت عبدالله چنا ۽ عبدالله چنا: ليکڪ_ سليم چنا)، سخن جو سفير اظهر گيلاني (بيخود بلوچ)، جانب سپ جمال (ابوبڪر سڏايو) ۽ چوٽرام کان شيخ عبدالله (مشتاق احمد پناڻ)

**ماڳ مڪان**

**ڪير ترجي هنج ۾ (شاهد موسو)**

ترجمو

منهنجو داغستان (رسول حمزه توف، ترجمو: ڪريمداد خشڪ).

**تنقيد**

امير علي چانڊيو جديد دور جو نقاد (ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو)

**خاڪا**

توڙي تارا مٽي آهن (حڪيم اعجاز حسين چانڊيو)، ڪوڙي دنيا سچا ماڻهو (منصور قادر جوڻيجو) ۽ محمود مغل فن ۽ شخصيت (مرتب: مير حاجن مير). ■

**ڪالم**

آوازِ گل (گل محمد عمراڻي)، وڇوڙن جي واٽ (ايوب ڪوسو) ۽ سنڌ اداس آهي (ايوب ڪوسو)، واري ورق وجود جو (حسين ڪپري) ۽ هيءَ سين نه ڏيندي چين (ڊاڪٽر حسين مسرت).

**(تاريخ/آتم ڪٿا/يادگيريون**

جت نه پکيءَ پير (اشتياق انصاري)، ياد جا جزيرا (قاضي خادم)، پن ڇڻ جون چانڊوڪيون (ميان مير چانڊيو)، تاريخ جو عڪس (دلبر بروهي) ۽ يادون جيون جون (محمد انور بلوچ).

**شاعري**

سنڌوءَ جي ڪناري (امداد حسيني)، گلاب رنگ تون (امداد حسيني)، حسن درس جو رسالو (ٽيون ڇاپو)، ڪوته اهڙو هجي (سائينداد ساند)، من مسافر (سردار شاهه)،تنهنجي غير موجودگي سان گفتگو (لياقت رضوي)، زندگيءَ جو ڪلاسيفائيڊ پيج (پير عبيد راشدي)، جڏهن ساگر سُر ڇيڙيا (شنڪر ساگر)، درد جون راحتون (اياز رضوي)، هڪ شام کي لکيل خط (مصطفيٰ نانگراج)، ڪراچي ڪبوتر ۽ ڇوڪري (سنڌو پيرزادو)، سمجهه (زيد پيرزادو)، ڪليات نرمل جيوتاڻي (مرتب: ڊاڪٽر آزاد قاضي) ۽ پريتڻو (محمد ابراهيم بادل).

**ڪهاڻيون**

وڻجارو (امداد حسيني)، ويهه تولا سون (پروين موسيٰ ميمڻ)، پاڇو (ترجمو: ڪيمن يو. مولاڻي)۽ اکين جي آپگهات (دادن ثقلين لاشاري).

# 2024ع ۾ اعليٰ تعليم

سال 2024ع ۾ نئين سال _ 2025ع جو سج اسان کي ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت طرف وٺي ويندو، جنهن سان صنعت، ڪاروبار، عام زندگي سان جُڙيل معاملا ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ تمام وڏي تبديلي واري مرحلي مان گذرندو. اهڙي وقت ۾ تعليم، هنر ۽ بروقت معلومات تائين رسائي هڪ اهم ضرورت ۽ سلامتي لاءِ لازمي جزو هوندي. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي علم، هنر ۽ بقاءَ لاءِ وڌيڪ بهتر طور تي منظم ٿيڻو پوندو. هاڻ جڏهن پوري دنيا وڏي اُٿل پُٿل مان گذري رهي آهي، ان وقت نئين ٽوڪنا ۾ موجود وسيلن جي حفاظت لاءِ تعليم ۽ علم جو ڦهلاءُ ۽ خلقِ خدا کي گھٽي کان گھٽي ڄاڻ ڏيڻ لازمي ٿيندي پئي وڃي.



پروفيسر ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو

تعليم جو شعبو ۽ ان سان لاڳاپيل معاملا اسان وٽ گھڻي وقت کان وٺي بحث جو موضوع رهيا آهن، ۽ گھڻو وقت ٿيندو جو اسان وٽ مختلف فورمز ۽ اهم نشستن ۾ به تعليم جي حوالي سان ڳڻتيءَ جو اظهار ٻڌڻ لاءِ ملندو رهيو آهي. اسان مان گھڻن جو ان ڳالهه تي اتفاق به آهي ته، تعليمي معاملن ۾ سُڌار جي تمام گھڻي گنجائش بهرحال هن وقت به موجود آهي ۽ اها توجهه جي طالب به آهي. پر سڀ کان گھڻو اونو ان ڳالهه جو آهي ته، تمام گھڻو ان ڳالهه تي بحث مباحثو ٿيڻ بعد به اسان وٽ پرائمري تعليم ۽ يونيورسٽي واري اعليٰ تعليم يا Tertiary ايجوڪيشن وچ ۾ وٿي يا ڪٽي چئون ته تفاوت وڌيڪ ٿيندو پيو وڃي.

بظاهر پرائمري تعليم جو Tertiary تعليم يا وري چئجي ته اعليٰ تعليم سان ڪهڙو لاڳاپو آهي ته، ان لاءِ آئون صرف ايترو چوندس ته، اصل بنياد يا Raw Material سڀ کان اول پرائمري اسڪولن مان علم پرائي بهتري ڏانهن وک وڌائي ٿو. ان ڪانپوءِ اهي شاگرد سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري سطح تي ڪاليجن ۾ ۽ پوءِ انهن مان ڪجھ تعداد يونيورسٽي يعني Tertiary ليول تي پهچي ٿو، تنهنڪري آئون وري به اهو سمجهان ٿو ته پرائمري تعليم ۽ استاد جو مضبوط، منظم ۽ پنهنجي مضمون ۾ بهتر هجڻ اسان جي آئيندي ۽ هائر ايجوڪيشن لاءِ قابل ۽ ذهين شاگرد مهيا ڪرڻ ۾ مُک ڪردار ڪندو.

اسان وٽ ابتدائي تعليم جي ڳڻتيءَ واري صورتحال، جيڪا گھڻن ورهين کان لڳاتار هلندي اچي، ان جا اثر هاڻي چٽا: سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري جي تعليم ۾ نظر اچن ٿا، ۽ جنهن جا چٽا پوءِ Tertiary ايجوڪيشن تي به پون ٿا. اهي ادارا پنهنجو پاند ان کان ڪونه ٿا بچائي سگھن. البت حوصلا افزا ڳالهه اها آهي ته، اسان وٽ سنڌ صوبي ۾ پبلڪ سيڪٽر جون گھڻيون يونيورسٽيون اڄ به نسبتاً بهتر تعليمي معيار ۽ امتحاني نظم ۽ ضبط بحال رکيو اچن پيون، باوجود ان ڳالهه جي ته، اڄڪلهه تعليم ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن تي تنقيد گھڻن لاءِ هڪ سولو موضوع آهي. نه صرف اهو پر باوجود گھڻين ڏکيائين کي منهن ڏيندي به اسان وٽ يونيورسٽي سطح واري تعليم ۾ استعداد يا سگھه (Capacity) موجود آهي ته، اها اڳتي قدم وڌائي، پر بدقسمتيءَ سان ان سگھه کي سگھارو بڻائڻ بدران هاڻ Tertiary تعليم واري شعبي ۾ ڳٽتي ۽ اونو نظر اچڻ لڳو آهي.



سال 2024ع ۾ نئين سال _ 2025ع جو سج اسان کي ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت طرف وٺي ويندو، جنهن سان صنعت، ڪاروبار، عام زندگي سان جُڙيل معاملا ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ تمام وڏي تبديلي واري مرحلي مان گذرندو. اهڙي وقت ۾ تعليم، هنر ۽ بروقت معلومات تائين رسائي هڪ اهم ضرورت ۽ سلامتي لاءِ لازمي جزو هوندي. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي علم، هنر ۽ بقاءَ لاءِ وڌيڪ بهتر طور تي منظم ٿيڻو پوندو. هاڻ جڏهن پوري دنيا وڏي اُٿل پُٿل مان گذري رهي آهي، ان وقت نئين ٽوڪنا ۾ موجود وسيلن جي حفاظت لاءِ تعليم ۽ علم جو ڦهلاءُ ۽ خلقِ خدا کي گھٽي کان گھٽي ڄاڻ ڏيڻ لازمي ٿيندي پئي وڃي.

هاڻي اها عالمي طور تي مڃيل حقيقت آهي ته، جيتري گھڻي تعليم ۽ نئين نسل ۾ سيڙپ (Investment) ڪبي، اوترو بهتر ۽ پرامن آئيندو جوڙي سگھبو، پر ان جي باوجود اسان وٽ ڏکين معاشي حالتن جو گھڻو بار وري به تعليم واري شعبي کي ملندڙ فنڊز ۽ گرانٽ تي وڌو پيو وڃي. سنڌ سرڪار جي ڪيل مالي سپورٽ کان سواءِ باقي ملندڙ گرانٽس جي گهٽتائيءَ جو اثر تعليم تي پئجي رهيو آهي، جنهنڪري Tertiary ايجوڪيشن وارا اعليٰ تعليمي ادارا نين پرتين، ريسرچ لاءِ انٽرنيشنل اسڪالرشپ ۽ ڪنهن به نئين ٽوڪنا لاءِ رقم مختص ڪرڻ وقت مالي ڪوٽ کي منهن ڏين پيا ۽ ڪيترائي ادارا پنهنجن ملازمن لاءِ پينشن ۽ پگهارون ڏيڻ وقت به وڏي بحران کي منهن ڏين ٿا.

اسان کي اهو نه وسارڻ گھرجي ته تعليمي ادارا نه صرف علم ۽ ڄاڻ مهيا ڪن ٿا، پر اهي انساني شعور، رواداري، سهپ ۽ گڏجي هلڻ واري سوچ کي پڻ پروان چڙهائين ٿا. ان سان گڏ اعليٰ تعليم هر ذي شعور انسان کي سوال ڪرڻ جي سگھه ۽ معاملن کي هڪ کان وڌيڪ پاسن کان ڏسڻ جو ڏانءُ سيکاري ٿي. اهي تعليمي ادارا ۽ انهن جون ڪوششون آهن جو اهي ڪردارسازي ڪري نوجوانن کي منفي عملن کان پري ڪري ذميدار فرد بنائڻ طرف آڻين ٿيون. ان لاءِ ضروري آهي ته اعليٰ تعليم جو شعبو اڳيرو ۽ توانو هجي،



جنهن لاءِ اهو به ضروري آهي ته ان جون به اهم شاخون پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جو معيار بلند ٿيڻ گھرجي. ٻي صورت ۾ اسان ڪيئن اعليٰ تعليم جا بين الاقوامي معيار حاصل ڪري سگھنداسين.

سال 2024ع واري ٽائمز هائر ايجوڪيشن درجه بندي ۾ پاڪستان جو ڪو به اعليٰ تعليمي ادارو اول 400 اعليٰ تعليمي ادارن جي ورلڊ ليول ۾ شامل نه آهي. ان مان ظاهر آهي ته اسان کي گھڻو ڪم ڪرڻو آهي ته جيئن اسين علم ۽ ڄاڻ جي دنيا ۾ پنهنجي ڪا سڃاڻپ ٺاهي سگھون.

تاريخي طور تي 1947ع کان وٺي پاڪستان هڪ لاپائتو تعليمي سرشتو آڻڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهي، پر گھربل نتيجا حاصل نه ٿي سگھيا آهن. جنهن رفتار سان اسان جي آباديءَ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، ان رفتار سان تعليم حاصل ڪندڙن جو اضافو نه ٿي سگھيو آهي ۽ پڙهيل لکيل فردن جي تعداد ۾ سراسري واڌ جي رفتار بنهه گهٽ آهي. گڏيل قومن جي اداري (UN) جي گڏ ڪيل انگن اکرن موجب، اڄ به اڍائي ڪان پوڻا ٽي ڪروڙ ٻار اسڪولي تعليم کان محروم آهن ۽ اهي اسڪولن کان ٻاهر آهن _ ۽ ٻارڙن جي هڪ وڏو تعداد رڳو ڪجھ به لکڻ ۽ پڙهڻ واري بنيادي صلاحيت ۽ حق کان به محروم آهي.

ان تشويشناڪ وارتا جا به ڪيئي ڪارڻ آهن، ۽ ان جو هڪ وڏو ڪارڻ غربت آهي جو والدين پنهنجي ٻارڙن لاءِ گھربل ڪتاب، ڪاپيون، يونيفارم ۽ ٻيون شيون پوريون ڪندي گھڻو مالياتي طور پريشان ٿين ٿا. ساڳي طرح گھڻين جاين تي موجود اسڪولن ۾ فرنيچر، واش رومز ۽ بجليءَ جي سهولت موجود نه آهي يا وري اتي ڪو پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪونهي.

جڏهن اهڙي صورتحال ابتدائي تعليم واري سطح تي هجي ته ان جا اثر هائير ايجوڪيشن تي لازمي طور پوندا. 2024_25ع واري بجيٽ ۾ اعليٰ تعليم وارن فنڊز جي ڪٽوتي واري اعلان اعليٰ تعليمي ادارن لاءِ هڪ وڏي پريشاني آندي هئي، پر پوءِ جيتوڻيڪ اهو اعلان واپس ورتو ويو هو، ۽ فنڊز بحال ڪيا ويا، پر يونيورسٽين جي بجيٽ ۾ جنهن اضافي جي گھرج هئي ۽ آهي، اهو نه ٿي سگھيو آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته، اعليٰ تعليمي ادارا ڪهڙي مشڪل صورتحال کي منهن ڏين پيا.

هن وقت به اعليٰ تعليم جي ترقياتي بجيٽ صرف 21 ارب، پوري پاڪستان لاءِ آهي، جيڪا اعليٰ تعليمي ادارن جي وڌندڙ ضرورتن لاءِ ناڪافي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو گھڻيون يونيورسٽيز اٽپورن وسيلن جي ڪري تحقيق تي گھڻو خرچ نه پيون ڪري سگھن پيون، ۽ نه وري ڪو ڪريڪيولم بهتر ڪرڻ ۽ پنهنجيون لائبريريون ۽ ليبارٽريون بهتر انداز سان هلائڻ لاءِ وقتائتا قدم کڻي سگھن ٿيون. ان سان لازمي طور تعليمي معيار به متاثر ٿئي ٿو ۽ يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽس جو انٽرنيسنل مارڪيٽ ۾ مقابلو ڪرڻ جو ٻَلُ به گھٽجي ٿو.

گھربل فنڊز نه هئڻ ڪري اعليٰ تعليمي ادارا مجبور ٿي ٿا وڃن ته اهي شاگردن کي ڪتابن جا پراڻا ايڊيشن پڙهائين، مدي خارج ڪمپيوٽرز تي ڪم ڪرائين ۽ غير معياري اوزارن تي تجربا ڪرائين. ان سڀ جي ڪري شاگردن جو معيار به پوءِ بس وچولي درجي جوئي ٿي سگھي ٿو، جنهن تي بهرحال ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

ان سان گڏ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪوالٽي انهانسمينٽ واري شعبي کي متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هائر ايجوڪيشن ۾ مستقل فئڪلٽي مقرر ڪرڻ تي لڳل پابنديون به سرڪار کي نرم ڪري گھربل فنائنس مهيا ڪرڻو پوندو، ته جيئن بهتر تربيت يافته فئڪلٽي لاءِ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ٿئي ۽ ميرٽ جو سرشتو سگھارو ٿي سگھي.

تنهن ڪري مرڪزي توڙي صوبائي حڪومت کي اعليٰ تعليمي توڙي شروعاتي تعليمي ادارن جي گھڻي پرگھور لهڻ جي ضرورت آهي ۽ هڪ واضح ڪارڪردگي وارو طريقه ڪار متعين ڪري تعليمي ادارن جي انتظامي ۽ تعليمي شعبن ۾ لاڳو ڪري گھربل نتيجن لاءِ تعليمي ادارن کي پابند ڪيو وڃي ۽ پوءِ لاڳاپيل سينڊيڪيٽ ۽ سينيٽ کي اختيار ڏنو وڃي ته، اهي فرائض ۾ ڪوتاهي ڪندڙن کي جوابده ڪن. ان طرح گھٽ ۾ گھٽ اعليٰ تعليمي ادارن جي ڪرندڙ معيار ۾ قابل ذڪر بهتري جو هڪ رستو نڪري سگھي ٿو. ساڳئي طرح پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم لاءِ شفاف ۽ جوابداريءَ وارو نظام آڻي اسان پنهنجي قوم ۽ ايندڙ نسل لاءِ گھڻو ڪجھ بهتر ڪري سگھون ٿا. ■

# سال 2024ع ۾ سنڌ جي يونيورسٽين جي تدريسي، تحقيقي ۽ انتظامي صورتحال

سال 2024ع ۾ انتظامي لحاظ کان سنڌ جي يونيورسٽين کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو جن ۾ مالي مسئلا، سياسي مداخلت، ۽ غير شفاف پاليسيون شامل هيون. ان سال جو گهڻو حصو يونيورسٽيون انتظامي بحران جو شڪار رهيون، جنهن جو وڏو سبب مستقل وائس چانسلرن جي مقرري ۾ دير ڪرڻ به هئو. پر هينئر سواءِ ڪجهه يونيورسٽين جي، اڪثر يونيورسٽين ۾ نوان وائس چانسلر مقرر ٿي چڪا آهن، جنهن سان انتظامي طور تي ڪجهه بهتري اچي رهي آهي. ان کان علاوه من پسند ڪامورن کي يونيورسٽين ۾ وائس چانسلر مقرر ڪرڻ لاءِ سنڌ ڪابينه پي ايچ ڊي ڊگري وارو شرط ختم ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري انتظامي معاملن ۾ سياسي مداخلت يونيورسٽين جي خودمختياريءَ کي متاثر ڪري ٿي.



ڊاڪٽر اختيار علي گهمرو

ايڪويهين صديءَ ۾ يونيورسٽيون ڪنهن به ملڪ جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. اهي جمهوريت، سماجي انصاف ۽ سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزاديءَ جي قدرن کي به برقرار رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. پر ائين تڏهن ٿيڻ ممڪن آهي، جڏهن يونيورسٽين کي هڪ سازگار ماحول ۾ ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي، کين علمي خودمختياري مليل هجي، ۽ انهن جا سربراه تحقيق ۽ علمي لحاظ کان پختا هجن.

سال 2024ع دوران سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين تدريسي، تحقيقي ۽ انتظامي سطح تي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏنو. يونيورسٽين جو بنيادي مقصد اعليٰ تعليم فراهم ڪرڻ ۽ تحقيق ذريعي علم ۾ واڌارو ڪرڻ آهي، پر اڪثر ادارن ۾ مالي، انتظامي ۽ علمي مسئلا سال 2024ع ۾ به نمايان رهيا.

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ تدريسي معيار مجموعي طور تي ڪو عالمي سطح جو نه آهي سواءِ هڪ ٻن نالي ماتر ادارن جي، جتي علمي ڪارڪردگي اطمينان بخش رهي، پر مجموعي طور ان ۾ اڃان تمام گهڻي بهتري آڻڻ جي گنجائش آهي. ڪيترين يونيورسٽين کي فيڪلٽي، جديد تعليمي سامان ۽ بنيادي سهولتن جهڙوڪ صاف پاڻي، پروجيڪٽر، ڪمپيوٽر ليبز ۽ ڪيميڪل جي شديد کوٽ کي مُنهن ڏيڻو پيو. سنڌ جي اڪثر يونيورسٽين ۾ فيڪلٽي جي کوٽ ۽ گهٽتيءَ جو ڳي آهي، خاص طور تي جديد علمن جون سندون رکندڙ ۽ تدريس جا نوان طور طريقا استعمال ڪندڙ استادن جي تمام گهڻي کوٽ آهي. ان کان علاوه نون ڪتابن ۽ آن لائن سکيا جي وسيلن تائين محدود پهچ، خاص ڪري انٽرنيٽ جي ناڪاره سهولت پڙهائي واري عمل کي متاثر ڪيو.

ٻئي طرف بدلجندڙ وقت سان گڏ ۽ مارڪيٽ جي گُهرجن مطابق شاگردن جو روايتي سبجيڪٽن ۾ داخلا وٺڻ جو رجحان گهٽجندي نظر آيو. سال 2024ع ۾ به ڪجهه مضمونن ۾ شاگردن جي دلچسپي گهٽ ڏٺي وئي، جيڪا معاشي مسئلن ۽ روزگار جا موقعا گهٽ هجڻ سبب پيدا ٿي آهي، جوته هينئر اڪثر شاگرد ڪمپيوٽر ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ ميڊيڪل جهڙن شعبن ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ملڪي يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ تحقيق تي اڳ ئي تمام گهڻي تنقيد ٿيندي رهي آهي. ساڳئي ريت سنڌ جي اڪثر يونيورسٽين ۾ تحقيق جو معيار پڻ هڪ سواليه نشان رهيو. سال 2024ع ۾ به اڪثر يونيورسٽيون مالي مشڪلاتن ۾ ڦاٿل رهيون، جنهن ڪري انهن پنهنجي بجيٽ ۾ تحقيق لاءِ پيسا نه رکيا، يا ڪنهن يونيورسٽيءَ نالي ماتر رقم رکي. جڏهن يونيورسٽين ۾ تحقيق کي اوليت نه هوندي ته پوءِ ان صورتحال ۾ اهڙن ادارن کان بهتر تحقيق جي اميد رکڻ ٻهرن کان ٻير گهرڻ ٿيندو. يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ اڪثر تحقيق اڪيڊمڪ نوعيت جي هجي ٿي، جنهن جا انڊسٽري سان گهڻي پاڳي لاڳاپا ۽ رابطا گهٽ هوندا آهن، جنهن ڪري تحقيق جا نتيجا معاشي ترقيءَ ۾ مددگار نه بڻجي سگهيا آهن. انڪري سال 2024ع ۾ يونيورسٽين کي تحقيق لاءِ مناسب ماحول ۽ مدد فراهم ڪرڻ هڪ وڏو چئلينج رهيو، پر ڪجهه يونيورسٽين بين الاقوامي سطح تي تعاون قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا، جڏهن ته يونيورسٽين جي اڪثريت ان حوالي سان پوئتي رهي.

سال 2024ع ۾ انتظامي لحاظ کان سنڌ جي يونيورسٽين کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو، جن ۾ مالي مسئلا، سياسي مداخلت، ۽ غير شفاف پاليسيون شامل هيون. ان سال جو گهڻو حصو يونيورسٽيون انتظامي بحران جو شڪار رهيون، جنهن جو وڏو سبب مستقل وائس چانسلرن جي مقرري ۾ دير به هو. پر هينئر سواءِ ڪجهه يونيورسٽين جي، اڪثر يونيورسٽين ۾ نوان وائس چانسلر مقرر ٿي چڪا آهن، جنهن سان انتظامي طور تي ڪجهه بهتري اچي رهي آهي.

گهڻن سالن کان سنڌ صوبي جون اڪثر سرڪاري يونيورسٽيون مالي بحران جو شڪار رهيون آهن. نتيجي ۾ اها صورتحال استادن جي وقت تي پگهارن، نئين پرتين ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تي اثر انداز ٿي رهي آهي. سال 2024ع ۾ به ڪجهه يونيورسٽين ۾ اها صورتحال موجود رهي، پر سنڌ سرڪار طرفان يونيورسٽين جي مالي سهائتا ۾ اضافي سان ٿوري گهڻي بهتري اچي رهي آهي.




اهو به ڏٺو ويو آهي ته يونيورسٽين جي انتظامي معاملن ۾ سرڪاري مداخلت ۾ اضافو ٿيو آهي. ان کان علاوه من پسند ڪامورن کي يونيورسٽين ۾ وائس چانسلر مقرر ڪرڻ لاءِ سنڌ ڪابينه پي ايچ ڊي ڊگري وارو شرط ختم ڪري ڇڏيو آهي. انتظامي معاملن ۾ سياسي مداخلت يونيورسٽين جي خودمختياري کي متاثر ڪري ٿي، جنهن سان فيصلا سازي ۾ دير ۽ خراب حڪمراني ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انتظامي فيصلن ۾ شفافيت جي کوٽ سبب فيڪلٽي ۽ شاگردن ۾ بي اعتمادي پيدا ٿي آهي.


**يونيورسٽين کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته:**

- سنڌ حڪومت کي يونيورسٽين کي وڌيڪ فنڊ فراهم ڪري ته جيئن انهن جا بنيادي مسئلا حل ٿي سگهن.
- جديد تحقيق لاءِ گرانٽس ۽ انڊسٽري سان لاڳاپا وڌائڻ ضروري آهن.
- انتظامي نظام ۾ شفافيت ۽ احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ پاليسيون ٺاهڻ گهرجن.
- يونيورسٽين کي انتظامي آزادي ڏيڻ گهرجي ته جيئن اهي بهتر فيصلا ڪري سگهن.
- سنڌ جي يونيورسٽين ۾ تدريسي، تحقيقي ۽ انتظامي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون وٺڻ گهرجن.

جيڪڏهن درست پاليسيون ۽ وسيلا فراهم ڪيا وڃن، ته اسان جون يونيورسٽيون نه رڳو سنڌ پر پوري ملڪ جي تعليمي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. ■

# سال 2024 جو آخري ڪالم "يوڳن يوڳن ۾"

# وڏيون مُڇون



امتياز ابڙو

دنيا ۾ ڪجهه مرد انڪري به وڏيون مُڇون رکائيندا آهن جو هُو چاهيندا آهن ته سندن وات جو ڪو دروازو هجي!

هڪڙن جا چهرا سنا هوندا آهن، رڳو غلط مُڇن جي ڪري سڄي ڊزائين ڦٽي پئي هوندي آهي!

جيئن اسان جي دوست ڏاڙهون فقير جون مڇون اهڙيون نوڪدار آهن جو توهان ڪنهن جي پُٺيءَ ۾ هڻي ان کان موبائيل فون ڦُري سگهو ٿا.

سندس دوست هِن سان پاڪر پائي مِلڻ کان لَهرائيندا آهن... جو ان سان سندن ڳلن تي اسڪريچ پوڻ جو خطرو هوندو آهي!

ڪجهه ڏينهن اڳ پاڙي جي هڪ مائيءَ فون ڪري چيس، "ابا، پنهنجيون مُڇون ننڍيون ڪراءِ . اسان جي ٻارن کي جُون اچي پيون آهن!"

اسان جي هڪ ٻئي دوست مولُو مِستريءَ جون مُڇون به شاندار آهن... مُڇون ڇا اٿس...بس، نَڪ جي هيٺان هڪ ليڪَ آهي، جيڪا ائين ٿي لڳي ڄڻ وَڻ جي ڇانوَ ۾ ڪا سانوري سُتي پئي آهي!

اسان جو دوست ڪامريڊ جاڙو جُڳاڙي هڪ سياستدان آهي... هُو مُڇ پيو ٺاهيندو ته لڳندو ڄڻ اليڪشن لاءِ پنهنجو رستو پيو ٺاهي...

پنهنجي حلقي کان وڌيڪ پنهنجي مُڇ تي خرچ ڪندو آهي!

هيءُ مُڇن جي معاملي ۾ ايترو ته جذباتي آهي جو جيڪا نئين پارٽي ٺاهي اٿس، اُن جي اڇي رنگ جي جهنڊي تي هڪ ڪاري مُڇ لڳرائي اٿس... ۽ جهنڊي تي لکيل آهي، "مُڇ هجي آزاد ته ٻيو ڇا گهرجي!"

تاريخ ۾ به مُڇ جو وڏو رول رهيو آهي.

ڪارل مارڪس وڏين مڇن رکائڻ جي حق ۾ نه هو... هن جو خيال هو ته ان سان ڪِلين شيو ماڻهن جو استحصال ٿيندو!

آئن اسٽائين به جڏهن سوچيندو هو ته يڪدم مُڇون وٺڻ لڳندو هو ڄڻ مُڇن ۾ دماغ جو بَٽڻُ هُجيس!



ايڊولف هٽلر جون جيڪي مشهور مُڇون هيون، اُهي هن جون پنهنجيون نه هيون، اهي هُن هڪڙي جرمن فوجيءَ کان ٻن ڏينهن لاءِ اُڌاريون ورتيون هيون پر جڏهن هن پنهنجيون مُڇون واپس گهُريون ته ان کي مارائي ڇڏيائين!

اسان جي پياري دوست ليمي لباڙيءَ جون مُڇون به اهڙيون آهن جو پري کان خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته هن اِهي مُڇون رکايون آهن يا مُڇن هِن کي رکيو آهي!

پڇيمانس، "اهڙين مُڇن سان تو کي مشڪلات ته ٿيندي هوندي ؟"

چيائين، "بس...اهڙين مُڇن جي ڪري رڳو بئنڪ وارا اچڻ ڪونه ڏيندا آهن.... چوندا آهن، پهرئين مُڇ جي بايومئٽرڪ ڪراءِ!"

ليمي لباڙيءَ جون ايتريون وڏيون مُڇون ڏسي توهان کي لڳندو ته هن جو شهر جي حجامن سان جهيڙو پيو هلي!

پڇيمانس، "آخر مُڇن ۾ ڪا ته خرابي هوندي؟"

چيائين، "ها...مُڇ ۾ رڳو هڪڙي خرابي آهي ته اُها آن لائين نٿي ٺهرائي سگهجي!" ■

# سال 2024ع ۾ ماحولياتي صورتحال بهتر نہ رهي

آمريڪا ۽ ڪيريبين وارا خِطا هرڪين ساموندي طوفانن جي ور رهيا. وچ يورپ شديد ٻوڏن جي ور چڙهيل رهيو ۽ ڏکڻ آمريڪا وارو خِطو سوڪهڙي جو شڪار رهيو. چوماسي جي مينهن آفريڪي ملڪن: مالي، چاڊ ۽ نائيجيريا جهڙن ملڪن ۾ ٻوڏون ڏنيون. فيبروري 2024 ۾ چليءَ جي ٻيلن کي لڳل باهين 130 ماڻهو ماريا. برازيل ۾ مئي جي مهيني ۾ ٻوڏن سبب 180 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ 23 ٻہ ڪروڙ 30 لک متاثر ٿيا.



امين قريشي

ماحولياتي تبديلي (ڪلائيميٽ چينج) جي حوالي سان سال 2024 ۾ بہ صورتحال ڪا بهتر نہ رهي. گذريل سال (2023) جيان هي سال بہ گرم ترين سال رهيو. ورلڊ ميٽرولاجيڪل آرگنائيزيشن موجب 2015 کان هن وقت تائين گرم ترين سالن جو سلسلو هلي رهيو آهي. برف جي ڳرڻ ۾ واڌ، سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ۽ سمندن جي گرم ٿيڻ ۾ واڌ بہ تيزيءَ سان هلي رهي آهي. رڳو 2024ع جي جنوري مهيني کان سيپٽمبر تائين سراسري گرمي پد ۾ واڌ 1850ع کان 1900ع تائين جي ڀيٽ ۾ 1.54 ڊگري سينٽي گريڊ ۽ گرين هائوس گيسن ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۾ واڌ 420 پي پي ايم تي چڪي آهي، جڏهن تہ ميٿين گيس 1934 ۽ نائٽرس آڪسائيڊ 336 پي پي بي جي واڌ تائين پهچي چڪا آهن.

آمريڪا ۽ ڪيريبين وارا خِطا هرڪين ساموندي طوفانن جي ور رهيا. وچ يورپ شديد ٻوڏن جي ور چڙهيل رهيو ۽ ڏکڻ آمريڪا وارو خِطو سوڪهڙي جو شڪار رهيو. چوماسي جي مينهن آفريڪي ملڪن: مالي، چاڊ ۽ نائيجيريا جهڙن ملڪن ۾ ٻوڏون ڏنيون. فيبروري 2024 ۾ چليءَ جي ٻيلن کي لڳل باهين 130 ماڻهو ماريا. برازيل ۾ مئي جي مهيني ۾ ٻوڏن سبب 180 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ 23 ٻہ ڪروڙ 30 لک متاثر ٿيا. آفريڪا جي ڪجهہ ملڪن ۾ سوڪهڙو رهيو، جتي زمبيا ۾ فصلن جي پيداوار ۾ 2023 جي ڀيٽ ۾، 42 سيڪڙو گهٽتائي آئي.

اوڀر آفريڪا جي ملڪن جهڙوڪ: تنزانيا ۽ ڪينيا ۾ ٻوڏن لکين ماڻهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو. افغانستان ۾ غير معمولي برفباري ۽ مارچ مهيني ۾ پيل برساتن تباهي مچائي. ايف اي او موجب آفريڪي ملڪن ۾ النينو جي ڏنل سوڪهڙي سبب 18 ملڪن ۾ کاڌ خوراڪ جا مسئلا پيدا ٿيا.

سال 2024ع ڪلائيمٽ چينج جي حوالي سان آذربائيجان جي شهر ۾ ٿيل ڪانفرنس آف پارٽيز (ڪاپ 29) اهم رهي، جتي فيصلو ڪيو ويو تہ موسمياتي تبديلين سبب متاثر ٿيل ملڪن کي هڪ سئو ارب ڊالرن بدران 300 ارب ڊالرن جي مالي سهائتا ساليانې ڪئي ويندي، جنهن لاءِ فنڊ گڏ ڪيا ويندا ۽ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ اهي ڏيڻ شروع ڪيا ويندا. 30 ملڪن اهو اقرار ڪيو تہ هو آرگينڪ ويسٽ مان ميٿين جي گيس جي روڪ لاءِ ڪم ڪندا.

جڏهن تہ ڊبليو ايم او 2023ع واري سال جي رپورٽ ڏيندي ٻڌايو هو تہ، 1850 کان 1900 واري وقت جي واڌ جي ڀيٽ ۾ 2023 ۾ سراسري گرمي پد جي واڌ 1.45 ڊگري سينٽي گريڊ رهي. 1993 کان پوءِ گلوبل سمنڊ ۾ واڌ 110 م.م. تي چڪي هئي. 2023ع ۾ ئي گليشئرس جي ڳرڻ سبب ڊيڊ سي جي پنجوڻ تي پاڻي ضايع ٿيو هو. هن ئي سال سمندن 3.1 ملين ٽن، ٽي ڊبليو ايچ، گرمي جذب ڪئي، جيڪا دنيا جي ڪل توانائيءَ جي استعمال جي ڀيٽ ۾ 18 دفعا وڌيڪ هئي.



موسمياتي تبديلين جي سلسلي ۾ سموري دنيا قدم کڻي رهي آهي، جهنهن جو وس پڄي تہ گرين انرجي طرف اچن ٿا، جنهن جي جيترو وس ۾ آهي تہ اهي گيسن جي مقدار ۾ گهٽتائي ڪري رهيا آهن، پر مجموعي طور تي جيئن تہ فاسل فيول جي ٻوڙا، پيداوار ۽ استعمال ساڳيو ئي آهي، ان ڪري ڪو خاص فرق نہ پئجي رهيو آهي. جي نالي ماتر فرق پوئي بہ ٿو تہ گرمين ۾ هزارين لکين ايڪڙن جي ٻيلي کي لڳندڙ باهيون گرين هائوس گيسن جو توازن ماڳهين وڌايو ڇڏين.

گرين هائوس گيسن ۾ گهٽتائي لاءِ هڪڙو قدم اهم هي بہ آهي تہ جتي سموري دنيا ٻيلا پوکڻ طرف وڌي رهي آهي يا وڻ پوکڻ جي ڪم ۾ جنبيل آهي، جيڪو ڪم آسان آهي، ان سان گهٽ ۾ گهٽ ان جاءِ تي گرمي پد ۾ گهٽتائي اچي ٿي. ساڳي وقت وڻ نہ صرف ماحول کي ٿڌو ڪن ٿا، پر اهو مٽي ۽ گوڙ کي بہ گهٽائين ٿا، تہ ڪاربان بہ گهٽائين ٿا. نتيجي طور اهو شهر پنهنجي زندگيءَ کي توازن ۾ رکڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. ان ڏس ۾ ڪجهہ ڪامياب مثال ڳڻائي سگهجن ٿا.

اٿوپيا 2019ع ۾ 350 ملين وڻ پوکي رڪارڊ قائم ڪيو هو. نيويارڪ وارن 2007ع ۾ 10 لک وڻن جو ڄار وڇايو هو. ائين سموري دنيا، شهرن جا شهر، وڻن سان ڍڪي رهيا آهي ۽ شهرن جي گرمي پد کي اعتدال ۾ آڻي رهي آهي، پر چين جيڪو گرين هائوس گيسن خارج ڪرڻ ۾ دنيا جو پهريون نمبر ملڪ آهي، اهو سولر پليٽن واري گرين انرجي طرف اچي ٿو تہ، شهرن جي ماپ جيترن علائقن تي ڄار وڇائي هڪ ئي ڏک ۾ سموري دنيا جا رڪارڊ ٽوڙيو ڇڏي.

اهڙيءَ ريت چين جي گريٽ گرين وال هاڻي گهڻي شهرت ماڻي رهي آهي، جيڪا 3000 ڪلو ميٽر ڊگهي آهي، جتي وڻڪاري ڪئي وئي. اها صحرا جي خطي جي چوڌاري آهي، جنهن جو بنيادي مقصد صحرائي طوفانن کي ماٺو ڪرڻ هو (اها مٽي بيجنگ تائين اچي ٿي). ان تي ڪم ڪيترن ڏهاڪن کان هلي رهيو هو، جيڪو هاڻي پورو ٿيو آهي. ان صحرا جو نالو ٽڪلمڪان آهي، جيڪو موت جي سمنڊ طور مشهور آهي. يقيناً اتي وڻن کي مڪمل ڪاميابي ملڻ ممڪن ناهي جو پاڻيءَ جو مسئلو رهي ٿو، پوءِ بہ صحرا آباد ڪرڻ سولو ڪم ناهي. لکين ايڪڙن تي وڻ پوکڻ سان چين جي ٻيلن ۾ گهڻي اضافي جي اميد آهي.

ٻئي پاسي پاڻ آهيون جتي سڀ ڪجهہ هوندي بہ، ڪو هڪ، وڻن سان ڍڪيل ڳوٺ بہ نٿا جوڙي سگهون، ڪو هڪ شهر اهڙو، جيڪو وڻن سان ڍڪيل هجي، جتي بہ چار درجا گرمي گهٽ ڪري ڏيکارجي. ■

# سال 2024 سنڌي ادب لاءِ اتساهيندڙ رهيو

سال 2024ع ۾ مون جيڪي ناول پڙهيا يا پڙهي سگهيس، انهن هڪ اطمينان ڏنو آهي تہ، سال 2024 ناول لاءِ سياڳو ثابت ٿيو آهي، جيڪو اڳتي هلي چڱيون ئي سوڀون ماڻيندو. دوستي نڀائڻ لاءِ ڪن ليکڪن جو نالو ڪٽڻ ۽ ڪن کي نظر انداز ڪرڻ ادب ۾ پاسخاطري آهي ۽ اها ادب ۾ گناهہ آهي. پڪ آهي تہ ناول جي وڌي اچڻ مان سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڊپ ڊاءُ نہ آهي ۽ ان حوالي ۾ ٽي وي ڊرامي کي ڇڏي سنڌي ناٽڪ اڄ بہ ويچارو آهي.



رکيل مورائي

مان اعتراف ڪريان ٿو تہ ماڻهن کي سچائي نہ سگهندو آهيان. ممڪن اِهو بہ آهي تہ سنڌ ادب بابت بہ ائين هُجي، جو ان کي نہ سچائي سگهندو هُجان. هڪ ڳالهہ پڪ سان چوان ٿو تہ مان ادب بابت پنهنجن ويچارن تي پڪو رهندو آهيان ۽ ان جو اظهار ائين ئي ڪندو آهيان، جيڪو منهنجو پنهنجو هوندو آهي. اهو نسورو غلط هجي ممڪن آهي، پر ان ۾ خوشامد، پاسخاطري ۽ غير ضروري وڏائُ هجي، جيڪو سچ کان ڪوهين ڏور هجي، اهڙي خوشفهمي مون سانڍي نہ آهي، نہ ڪنهن پنهنجي دوست لکندڙ کي اهڙي اڻ ڇاڻائيءَ ۾ رکيو اٿم. اهو منهنجو سچ، منهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ چپجندڙ ادب جو بہ ٿي سگهي ٿو.

غلط بيانيءَ جي گنجائش رکندي بہ مان هڪ ڳالهہ سچي چوڻ چاهيان ٿو تہ، گذريل سال وانگر سال 2024 ۾ سنڌي نئين شاعريءَ جو حوالو سنڌيءَ ۾ غير اهم بڻيل آهي، جيڪو اهم بڻجڻ ڏانهن وڃي يا نہ وڃي، ان کي ڪا پرواهہ هجڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي شاعريءَ جو ادبي ورثو ايترو مضبوط آهي، جو ان کي ڪو بہ لهرلوڏو نہ آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ سال 2024 ۾ ڪتابن جو واڌارو ٿيو هوندو ۽ ضرور ٿيو هوندو، جيڪو قبولڻ جوڳو آهي. ان ۾ نئين سماجي استعمال ٿيندڙ لفظن جو ذخيرو ضرور نئون هوندو. احساسداري بہ نئين هوندي، قبولڻ گهڻو ڏکيو آهي. انگ کان سواءِ، جيڪو نئون آهي، ان کي پنهنجي هٿ ٺوڪي تعريف يا وڏاءَ جي ضرورت ڇو پوڻي آهي.

دنيا جي ادب ۾ قبول ڪيو ويو آهي تہ جنهن ٻوليءَ جي ادبي ورثي ۾ تنقيد مضبوط آهي، ان ٻوليءَ جو تخليقي ادب ڪنهن بہ طرح مضبوط ٿيو آهي. سنڌي ادب ۾ تنقيد وارو پاسو سڌو سنئون تخليقي ادب بابت نہ هجڻ جي برابر آهي، جنهن سبب سنڌي تخليقي ادب مان مقانيت ۽ مقاني سماجي گهرجون غائب ٿي رهيون آهن، اها ميڊيا جي ذريعن جي ادب سان ڀلائي/برائي آهي، ڇا چئجي؟

سنڌي ڪهاڻيءَ جي چڱي حصي ۾ جيڪا مصنوعيت جي بدعت پاڙون هڻي رهي آهي، اها خوفناڪ آهي. اهو ادب جو اثر قبولڻ بجاءِ ڪاپي ڪرڻ آهي. سنڌي ادب تيزيءَ سان ان ڏانهن وڌي رهيو آهي. پاڻ سنڀالڻ جي گهرج شايد ايتري تيزيءَ سان ضروري آهي، تهذيبي طور تہ اڃا وڌيڪ! دنيا اِهو سمجهي رهي آهي.

دنيا جي ادب جيان سنڌي ادب پڻ گذريل ڪجهہ سالن جي وبائي صورتحال کان ٻاهر نڪري پاڻ سنڀالڻ لڳو آهي، جنهن جو چِٽو اظهار گذريل سال جي نسبت هن سال خوشي ڏيندڙ حد تائين اُڀري آيو آهي. مجموعي طور ڪجهہ سالن کان ادب کي اِهي صنفون ٽيڪ ڏيئي رهيون آهن، جن کي ادبي ٻوليءَ ۾ ”غير افسانوي“ ادب ڪوٺيو ويندو آهي: يادگيريون، خط، آتم ڪٿائون، جيل ڊائريون ۽ سفرناما وغيره. اهو ڏِس سنڌي ادب لاءِ ضروري آهي.

تخليقي ادب ۾ دنيا جي هر ٻولي پنهنجي سڃاڻپ ناول کي قبوليندي آهي. جيڪڏهن ائين نہ آهي، تہ مون ائين قبولي ورتو آهي تہ، ڪا بہ ٻولي پنهنجي ادبي قوت ناول ۾ ڏيکاري سگهندي آهي. ناول جي اٿاڪ کي ڏسجي تہ تسڪين ملي ٿي تہ، سنڌي ناول جو وڌڻ تسلي بخش آهي.

سنڌي ٻولي پنهنجي آس پاس جي ٻولين ۾ اظهارجندڙ اهڙي خيال کان ڊڄڻ جي حد تائين لهرائيندي رهي هئي. هتي مان ”آهي“ لفظ استعمال هيٺ اِن ڪري نٿو آڻيان جو سال 2024 ان حوالي ۾ نهايت گهڻي خوشي کڻي آيو آهي. هڪ اهم خوشي ڏيندڙ منهنجي لاءِ اِها ڳالهہ بہ آهي، جنهن جي شروعات اسان جي نهايت اهم تخليقي نقاد اڪبر لغاري صاحب لاءِ سلسليوار سنڌي ناول جي دوستن ڪليم ٻٽ ۽ ٻين سان گڏ اوک ڊوک ڪرڻ آهي، جنهن جو اثر پڻ ناول تي پوڻ اوس آهي. ٻيءَ طرح هيءُ سال ناول کي کڻي سنڌي ادب جي لڳاتار غربت جي اظهار کي گهٽتائي رهيو آهي.

منهنجي پڙهڻ هيٺ سمورا ناول نہ اچي سگهيا هوندا. شايد ڪنهن بہ پڙهندڙ جي مطالعي هيٺ نہ آيا آهن/هوندا. پر سڀ ذريعا پاڻمرادو جيڪا ڳالهہ رپورٽ ڪري رهيا آهن، اها اهڙو اطمينان ڏيئي رهي آهي. اهو چوڻ وقت کان اڳ هوندو تہ سنڌيءَ ۾ آيل سال 2024 جا سڀ شاندار/شاهڪار/لاجواب/عاليشان ناول آهن/هوندا. پر اِهو يقين تسڪين ڏيئي رهيو آهي تہ، جيڪي ناول مون پڙهيا آهن يا پڙهي سگهيو آهيان، انهن هڪ اطمينان ڏنو آهي تہ، سال 2024 ناول لاءِ سياڳو ثابت ٿيو آهي، جيڪو اڳتي هلي چڱيون ئي سوڀون ماڻيندو. دوستي نڀائڻ لاءِ ڪن ليکڪن جو نالو ڪٽڻ ۽ ڪن کي نظر انداز ڪرڻ ادب ۾ پاسخاطري آهي ۽ اها ادب ۾ گناهہ آهي.

پڪ آهي تہ ناول جي وڌي اچڻ مان سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڊپ ڊاءُ نہ آهي ۽ ان حوالي ۾ ٽي وي ڊرامي کي ڇڏي سنڌي ناٽڪ اڄ بہ ويچارو آهي. شال ائين نہ هجي. سال 2024ع ۾ ادب پڻ وبائي ڪيفيتن کان آجو ٿيو آهي. پڪ سان سنڌي ادب سميت دنيا جي ادب ۾ پڻ وقفن سان ادبي ميدان لکڻ جي صنفن ۾ گهٽتائي وڌائي پئي ايندي آهي، پر سال 2024ع سنڌي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ عالمي ادب وانگر ناول جي صنف ۾ گهڻو اڳتي نڪري آيو آهي، جيڪو سنڌي ادب لاءِ مجموعي طور ذڪر ڪرڻ جهڙو آهي. ساڳئي وقت سنڌي ڪتابن جو تيزي سان اچڻ اهڙو اِشارو آهي تہ، انهن جو چڱو وڪرو ٿي رهيو آهي، جنهن عمل ۾ سنڌي ادبي ميلن جو اثر وساري نہ سگهبو، جڏهن تہ الڳ الڳ پبلشرن پاران لڳايل بوڪ اسٽالن جو پڻ حصو آهي.

ادب جي واڌ ۾ جيترو ليکڪ جو حصو آهي، اوترو ڪتاب ڇاپيندڙ ادارن جو بہ حصو آهي. سنڌيءَ ۾ پبلشنگ اداري جو تصور جيتوڻيڪ هاڻ غائب ٿيڻ لڳو آهي، جيڪا جڳهہ هاڻ الڳ الڳ هٿ مالڪن ورتي آهي، جيڪي الڳ الڳ شرطن تي ڪتاب ڇاپين ٿا، ۽ جن جو گهڻو بار ليکڪ ئي قبول ڪن ٿا، پر سنڌي ماڻهن جي هڪ تعريف تہ ورائي ورائي ڪرڻ گهرجي تہ، جيڪڏهن ڪتابن ڇاپڻ کي هڪ بزنس/ڪاروبار طور ڪٿن ٿا تہ بہ ڳالهہ تعريف جوڳي آهي.

هو ڪنهن بہ بزنس ۾ ڪتابن جي بزنس ۾ پنهنجي مضبوط پيرن سان ٽڪي بيهن، اها سنڌي ادب توڙي سنڌ لاءِ لاڀائتي ڳالهہ آهي ۽ سنڌي ادب لاءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ، 2024 سال سنڌي ادب لاءِ مجموعي طور اتساهيندڙ رهيو آهي. ادب ۾ غير ضروري پاسخاطري جيتري گهٽبي، ادب اوترو وڌيڪ سگهارو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اهو پنهنجن پيرن تي هوندو، تعريف جي بيساکين تي گهٽ. سٺي ۽ جٽادار ادب جي اِها ئي سڃاڻپ آهي، جيڪا اديبن جي سڃاڻپ ئي آهي. ان کان ٻاهر هُن جي نالي جي ڪهڙي اهميت آهي، اِهو تہ اديب کي پاڻ ئي ڄاڻڻ گهرجي. ■

# 2024 ۾ لطيفيات جو ڪم




پارومل امراڻي سوٿهڙ

لطيف سائينءَ جي شاعري ۽ شخصيت ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، اديبن ۽ محققن جي تحقيق جو سدائين موضوع بڻيل رهي آهي. لطيف سائينءَ تي ٿيندڙ تحقيق، ترجمي ۽ ترتيب جي ڪم جي حوالي سان پهرين ببليوگرافي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي 1977ع ۾ سهيڙي "لطيفيات" جي عنوان سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي مان ڇپائي پڌري ڪئي هئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڪان پوءِ 1996ع ۾ ڊاڪٽر درشهوار سيد 'شاهه لطيف تي ببليوگرافي' جي نالي سان جامع ڪتاب ترتيب ڏيئي ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه لطيف چيئر پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

نوجوان ليکڪ خليق الرحمان ڪيريي، ڊاڪٽر عبدالجبار ۽ ڊاڪٽر درشهوار سيد جي ڪم جي تسلسل کي قائم رکندي 2023ع تائين ٿيل لطيفيات جي ڪم کي پنهنجي ڪتاب 'لطيفي ببليوگرافي' ۾ سهيڙڻ جي وڏي جستجو ڪئي آهي. آگسٽ 2023 ۾ پڌرو ٿيل خليق الرحمان جو اهو ڪتاب اٺ بابن ۾ ورهايل آهي. ٿي سگهي ٿو ته لطيفيات تي ٿيل ڪو ورلي ڪم هن سچيت نوجوان جي نظر مان نه گذريو هجي، پر هن ممڪن حد تائين لطيفي عشق ۾ ٽُٻ ٿي پنهنجن محدود ذاتي وسيلن جي آڌار لطيفي ببليوگرافي جي ميڙا چوندي ڪري، اهو ڪتاب هڙان وڙان ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچائي آهي.


آگسٽ 2023 ڪان ڊسمبر 2023 تائين شايع ٿيل لطيفيات جا ڪتاب، جيڪي لطيفي ببليوگرافي ۾ شامل ٿي نه سگهيا آهن، تن تي نوٽ لکي ببليوگرافي جي رهيل پاسن جي پورائي جي لاءِ هر وقت خليق الرحمان جنبش ۾ رهي ٿو.


2024ع ۾ شايع ٿيل لطيفيات جي ڪتابن ۾ صوفي غلام مصطفيٰ مگڻيجي خادم فقير جو ڪتاب 'سوجهي لڌو سڀحان' شاهه لطيف جي بيتن جو روحاني ۽ فڪري اڀياس، عبدالفتاح سپرو جو ڪتاب: "شاهه لطيف جي شاعري ۾ پورهيت ۽ پورهيي جو اڀياس." جاويد عمر ڪلوڙ جو ڪتاب 'شاهه لطيف ۽ ميڊيڪل سائنس،' مخلص سنڌيءَ جو ڪتاب 'شاهه لطيف بابت عظيم انسانن جا قول.' اعجاز ممڻاڻي جو ڪتاب 'برقعان اندر بازيون،' شبير ڪنير جو ڪتاب 'سائينءَ جو سنيهو،' شبنم گل جو ڪتاب "شاهه لطيف ۽ پرڏيهي شاعرن جو فڪري اڀياس" ۽ "شاهه لطيف اور جماليات." ولي محمد روشن جو ڪتاب "شاهه جي ساڃاهه" جلد ٻيو، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جو ڪتاب 'سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف،' ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جو ڪتاب 'شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري،' نور سنڌيءَ جو ڪتاب 'جانب جو جمال،' ڊاڪٽر علي مراد لجواڻي جو اردو ۾ ڪتاب 'شاهه عبدالطيف ڀٽائي ڪا پيغام، فلسفه ذڪر اور تدريس،' خان محمد خاطي ڪيريو جو ڪتاب 'آگا..! عرض اوناءِ،' "ڀٽائي جي دعائيه شاعري ۽ سماجي اڀياس،" رضيه شهوڪ جو ڪتاب، 'وکر سو وهاءِ،' محمد عباسي جو مرتب ڪيل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا چونڊ بيت،' غلام شبير پيرهين جو الف ب وار ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

































لطيف جي عاشق استاد لغاريءَ جو سرائيڪي ۾ منظوم ترجمو ڪيل شاهه جو رسالو سنڌي رسم الخط ۾ "شاهه دا رساله" جي عنوان سان اڳ ۾ ڇپيل هو، اهو نومبر 2024ع ۾ سرائيڪي جي شاهه مکي لپي ۾ ڇپيو آهي. شيخ اياز جي اردو ترجمي ڪيل شاهه جي رسالي جي مقدمي جو شاهه محمد مري بلوچي ٻولي ۾ "مقدمه رساله شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي. ناميارې نقاد ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو ڪتاب "شاهه لطيف جا فڪري رخ" جو پهريون ڇاپو 2014 ۾ سوجهرو پبليڪيشن ڇپيو هو، ان جو ٻيو ڇاپو 2024 ۾ مرڪ پبليڪيشن ڇاپيو آهي. جڳ مشهور عالم ۽ ڀٽائيءَ جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب 'شاهه لطيف ۽ ٻارهين تيرهين هجري جا ڪي ٻيا شاعر' اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن 2024 ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران جڙندڙ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جو جلد ٿيون، جنهن ۾ لطيفيات بابت مواد شامل آهي، ان جو نئون ڇاپو 2024 ۾ شايع ٿيو آهي. 2024ع ۾ مختلف عالمن جا لکيل تحقيقي مقالا به مختلف رسالن، اخبارن ۽ جرنلن ۾ ڇپيا آهن، ۽ مختلف هنڌن تي سال ۾ ڪيترائي لطيفي فن ۽ فڪر تي ليڪچر ۽ جشن ٿيا آهن. 2024 ۾ عبدالرحمان پيرزادي پنهنجي برقي ڪتاب 'ڀٽائي شناسي' جو چوٿون ڀاڱو پڙهندڙن جي آڏو رکيو آهي.

لطيف سائينءَ جي ڪلام تي هن وقت تائين 9 ڪان وڌيڪ محققن ايم فل ۽ 34 محققن پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. لطيف سائين جي ڪلام جا 71 قلمي نسخا سامهون آيا آهن ۽ 65 جي لڳ ڀڳ رسالا ڇپجي چڪا آهن. ڀٽائي پيڊيا ويب به جڙي چڪي آهي ۽ نوجوان راجا ساند جي محنت سان شاهه جو رسالو مختلف ٻولين جي ترجمي سان اينڊرائيڊ ايپليڪيشن جي صورت ۾ موبائيل فون جي گوگول پلي اسٽور ۾ موجود آهي.

لطيفيات تي اهو سمورو ڪم انتهائي ساراهه لائق آهي. ان ريت ڪم سنڌ جي ٻين ناميارن شاعرن، اديبن، عالمن جي به فن ۽ فڪر تي ٿيڻ گهرجي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ٿمورتي ۾ سچل تي ڪجهه نه ڪجهه ڪم ٿيندو رهي ٿو، پر سامي تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. روحل فقير ۽ خليقي نبي بخش قاسم کي به اسان وساري ڇڏيو آهي. جديد سنڌي شاعري ۾ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي تحقيقي ڪم جو اڪلاءُ ڪنهن نه ڪنهن ريت ٿيندو رهي ٿو، پر ٻين تي ماٺ ڀيل منظر آهي. تحقيقي اس جو تڙڪو اسان جي انهن سمورن عظيم تخليقڪارن تي پوڻ گهرجي. ■

# پاڪستان ۾ اردو ٻوليءَ ۾ 11 فلمون ٺهيون: سنڌيءَ ۾ هڪ به نه ٺهي





سال 2024ع پاڪستاني فلمن لاءِ ڪو خاص نه رهيو. جڏهن ته معمول موجب هن سال به ڪا سنڌي فلم نه ٺهي. جيتوڻيڪ ڪووڊ-19 ڪان اڳ پاڪستاني فلمن ڪجهه ساهه کڻڻ شروع ڪيو هو، پر سگهوئي اهو سلسلو جهڪو ٿيندي ختم ئي ويو. ختم ٿيندڙ سال ۾ پاڪستان جون 11 فلمون جاري ٿيون، جن مان ڪن ٿورين ڪو ٻوٿو ٻاريو. انهن مان ذڪر جوڳيون فلمون هن ريت آهن:

**1: عمرو عيار**

"عمرو عيار" هڪ مشهور ڪردار آهي، جنهن جو واسطو مشهور داستان طلسم هوشربا سان آهي. تڏهن به فلمي ناظرين کي سينما ۾ اهو عمرو عيار نظر نه آيو. جيڪو طلسم هوشربا يا اميرحمزه جي داستان سان واسطو رکندڙ هو. پوءِ به فلم عمرو عيار جي نالي جي اثر سبب 13 ڪروڙ رپيا ڪمايا. فلم ۾ نالي وارن اداڪارن: عثمان مختار، صنم سعيد ۽ حمزه عباسي ۽ ٻين فني جوهر ڏيکاريا آهن.

**2: اپي**

هيءَ فلم وطن پرستي بابت آهي، جنهن جي ڪاسٽ ۾ ڪبريٰ خان، سليم شيخ، عثمان پيرزاده ۽ محمود اسلم جهڙا اداڪار شامل آهن. فلم جي خاص خوبي راحت فتح علي خان ۽ آئمه بيگ جي گلوڪاري به آهي.

**3: دغاباز دل**

هيءَ مزاحيه هارر فلم هئي، جنهن ۾ اداڪاره مهوش حيات تي جِنُ عاشق ٿئي ٿو ۽ سندس والدين ڪيس علاج طور سئوٽ سان پرڻائي ٿا ڇڏين ته، متان هوءَ نيڪ ٿي وڃي. جڏهن ته هي ٻئي پاڻ ۾ شاديءَ جي خلاف هوندا آهن. فلم جي ڪاسٽ ۾ مهوش حيات ڪان سواءِ علي رحمان، مومن ثاقب، سليم شيخ ۽ ليليٰ واسطي جهڙن فنڪارن ڪم ڪيو آهي.

**4: مستاني**

عثمان رضوي جي هدايتن هيٺ ٺهيل هن فلم ۾ مرڪزي ڪردار آمنه الياس ۽ عفان وحيد ادا ڪيا آهن. هيءَ پيار ڪهاڻي آهي، جنهن جي ڪاسٽ ۾ حرا خان، عادي عديل امجد، پروين اڪبر ۽ ٻيا شامل آهن. فلم 10 ڪروڙ رپيا ڪمائي ٻئي نمبر تي رهي.

**5: نابالغ افراد**

هيءَ ٻن ڇوڪرن جي ڪهاڻي آهي، جن جو واسطو 1990ع واري ڏهاڪي سان آهي. اهي ڇوڪرا فلمن جا شوقين آهي ۽ وي سي آر تي ڪرائي تي فلمون ڏسڻ چاهين ٿا. فلم ۾ تنهن دور جي ٻارن جي معصوميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. محدود بجيٽ واري هيءَ فلم صرف 17 ڏينهن ۾ تيار ٿي. ان جي ڪاسٽ ۾ ثمر جعفري ۽ عاشر وجاهت جهڙا نوجوان اداڪار شامل آهن.

**6: ٽڪسالي گيٽ**

هيءَ هڪ ڪرائم ٿرل مووي آهي، جنهن جو سوشل ميڊيا تي پڻ گهڻو چوٻول رهيو. فلم جو هدايتڪار ابو عليحه آهي. ڪاسٽ ۾ ياسر حسين، عائشه عمر، مهربانو ۽ نير اعجاز شامل آهن. فلم ۾ عدالتي نظام بابت ڳالهيون ڪيل آهن.

**7: ليچ**

هيءَ فلم ڪراچيءَ ۾ ريئل اسٽيٽ جي هٿناٺن سميت ٻين شعبن سان واڳيل ماڻهن جي هانءَ ڏاريندڙ قتل جي واقعن بابت آهي. فلم ۾ مرڪزي ڪردار نويد رضا ادا ڪيو آهي، جيڪو پوليس آفيسر جي ڪردار ۾ قتل جي معاملن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو. فلم جي ڪاسٽ ۾ عديله سليم ۽ فهيمه اعوان جهڙن اداڪارن ڪم ڪيو آهي.

**8: دي گلاس ورڪر**

هيءَ اينيميٽڊ فلم آهي، جنهن جي اهم خاصيت اها آهي ته ان جا سمورا ڪردار ڪمپيوٽر بدران هٿ سان ٺاهيا ويا آهن. فلم انگريزي توڙي اردو: ٻنهي ٻولين ۾ تيار ڪئي وئي آهي. هيءَ لو اسٽوري پاڪستان ڪان سواءِ جپان ۽ آمريڪا سميت دنيا جي 50 ڪن ملڪن ۾ ڏيکاري وئي.

**9: ناياب**

هيءَ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا ننڍپڻ ڪان ڪرڪيٽ کيڏڻ جي شوقين آهي، پر خاندان ۽ سماج سندس شوق آڏو رڪاوٽ بڻيل آهن. فلم جي ڪاسٽ ۾ يمنيٰ زيدي، اسامه خان ۽ جاويد شيخ جهڙا فنڪار شامل آهن. فلم سينما ڪان سواءِ ڀارتي فلمي ميلي ۾ به ڏيکاري وئي.

**10: پوپي کي ويڊنگ**

هن فلم جي ڪهاڻي هڪ اهڙي شخص بابت آهي، جنهن جو خاندان ڪيس جلد شادي ڪرائڻ پيو چاهي. فلم جو هيرو خوشحال خان ۽ هيروئن نازش جهانگير آهن. هيءَ مزاحيه فلم آهي، تنهن هوندي به ان ڪو جوڳو بزنيس نه ڪيو.

جيتوڻيڪ مجموعي طور تي سال 2024ع پاڪستاني فلمن لاءِ ڪو خاص نه رهيو، تڏهن به خوشيءَ جي ڳالهه اها هئي ته بهرحال هن سال به فلمن جي ٺهڻ ۽ جاري ٿيڻ جو سلسلو جاري رهيو. البت فلمن جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته هڪ ته فلمون معياري هجن ۽ ٻيو سينما جي ٽڪيٽ سهانگي هجي. ٻي صورت ۾ غريب ۽ وچولو طبقو فلمون نه ڏسي سگهندو، نتيجي ۾ فلمون ناڪاميءَ جو شڪار ٿينديون رهنديون. ■

# سنڌي ٻوليءَ ۾ سال 2024ع ۾ شايع ٿيل تحقيقي ادب

سال 2024 ۾ شايع ٿيل تحقيقي ڪتابن مان هت ڪجهه ڪتابن جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ادب، شاعري، تصوف، تاريخ، قديم آثار، ٻولي ۽ تعليم جهڙا موضوع شامل آهن. جن مان سنڌي ادب ۾ تحقيقي ادب جي اهميت واضح ٿئي ٿي.



ڊاڪٽر مخمور بخاري

سنڌي ادب جي مختلف صنفن، فن، فڪر توڙي لاڳاپيل شخصيتن متعلق ڇنڊڇاڻ، اوڪ ڊوڪ ۽ پرک جي هن عمل جي عمر ڪا گهٽي نه آهي. لڳ ڀڳ گذريل ڏيڍ صديءَ کان ادب ۾ تحقيق جي ابتدا ملي ٿي. انگريزن جي دور کان سنڌي ٻولي ۽ گرامر بابت تحقيقي ڪم انگريز عملدارن شروع ڪيو، جيڪو اڳتي هلي وڌيڪ وسيع ٿيو. ان جي دائري ۾ ٻولي، ثقافت، قديم آثار، نسلي سلسلا ۽ ادب شامل ٿيو. جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. پر اها به حقيقت آهي ته، هاڻي تحقيق گهڻي ڀاڱي نصابي ٿي رهي آهي. جيڪا خاص دائري ۾ رهي ڪئي وڃي ٿي، جنهن جو فائدو ڪو گهڻو نه ٿي رهيو آهي. تنهن جي باوجود دل سان سنڌيءَ ۾ تحقيق جو ڪم ٿورو ٿڪو جاري آهي، جيڪو اهم به آهي.

سال 2024 ۾ به سنڌيءَ ۾ تحقيق تي مشتمل ڪتاب پڻ شايع ٿيا. جي سنڌي ادب جي مختلف صنفن بابت آهن. انهن جو هتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

**ارشادالصادقين ۽ ’فصوص‘ ۽ ’فتوحات‘ (ابن عربي) بابت ڪلمات:**

سنڌ جي جيد عالم مخدوم جعفر بوبڪائي (وفات:1002ھ/1593ع) جي تصوف/ روحانيت بابت هي تاريخي دستاويز مولوي حافظ محمد رمضان مهيري ۽ مولانا ادريس سومري فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جڏهن ته وقت جي دز ۾ گم ٿيل هن تاريخي دستاويز کي ڳولڻ ۽ ترجمو ڪرائڻ کان ويندي اُن جي تصيح تائين جو جوکم نامياري محقق ڊاڪٽر عبدالغفار سومري پنهنجي سر تي کنيو. هيءُ ڪتاب مخدوم جعفر جي ٻن رسالن تي مشتمل آهي، هڪ ’ارشاد الصادقين،‘ جنهن ۾ روحاني منزلون طئه ڪرڻ لاءِ ورد وظيفا ڏنا ويا آهن ۽ ٻيو رسالو ابن عربي جي ٻن ڪتابن ’فصوص الحڪم‘ ۽ ’فتوحات مڪيه‘ بابت تفصيلي راءِ تي مشتمل آهي. تحقيقي ۽ تفصيلي مقدمو ڊاڪٽر عبالغفار سومري لکيو آهي. هي ڪتاب نه رڳو سنڌ جي قديم علمي تاريخ جو حصو آهي پر تصوف بابت هن خطي ۾ اڄ کان چار صديون پهرين ڇا سمجهيو، سمجهايو ۽ لکيو پئي ويو، اُن بابت پڻ ڄاڻ ڏئي ٿو. هي ڪتاب ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي سهڪار سان شايع ڪرايو آهي.

سرنامو خيرپور ناٿن شاھ (ناٿ پنٿ جي تسلسل ۾ آباد ٿيل شهر جو مقدمو):

هي ڪتاب بنيادي طور تي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ ڇهه باب شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ ڪي اين شاھ جي قدامت، آباد ٿيڻ ۽ ڪنڌ ڙ بابت، نالي جو پس منظر، شهر تي نالي رکجڻ ۽ مَڃڻ، موجوده وقت ۾ شهر جي حيثيت، ماضي ۽ حال بابت مواد شامل آهي، جڏهن ته ٻئي حصي ۾ ڪتاب متعلق ٻارنهن ڪن ليکڪن جا تاثر شامل ڪيا ويا آهن. ليکڪ مدهوش مير جو هيءُ ڪتاب پيڪاڪ پبلشر ڪراچي شايع ڪيو آهي.

**تاريخ جو عڪس:**

ٻاويهه مختلف عنوانن هيٺ سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن بابت هي ڪتاب دلبر بروهيءَ لکيو آهي، جن ۾ : وَستيءَ جو وجُود، آرين جي آبادڪاري، مصر دنيا جو مهذب ملڪ ۽ سڪندر جي بادشاهت، راءِ گهراڻو، ڇچ، بنو اُميه جو دور، محمد بن قاسم جي سنڌ تي هلان ڪرڻ، بنو عباسيه دور، غزنوي، غوري، غلام گهراڻو، خلجي خاندان، سومرا، سما، ارغون، ترخان، سلطان محمود ڪوڪلتاش، لانگاها، مغل دور ۽ انگريزن جي برصغير ۾ اچڻ تائين جا واقعا بحث هيٺ آندا ويا آهن. هي ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد ڇپرو ڪيو آهي.

**پنيور مان مليل سنڌي لکتون:**

ڊاڪٽر منصور ٿلهو جو لکيل هيءُ ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم ماڳ ”پنيور“ مان ملندڙ ٺڪرين تي موجود لکتن بابت آهي. هن تحقيق جو بنياد مقامي آهي يعني' محقق انهن لکتن کي هتان جي قديم ٻولي؛ جيڪا زباني واهپي سان گڏ لکت ۽ وڻج واپار لاءِ به استعمال هيٺ ايندي هئي، سمجهي پيش ڪري ٿو ۽ اُن جون پاڙون به هتان جي ئي مٽيءَ ۾ ڳولي ٿو. درحقيقت سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي ڳولڻ لاءِ مقامي رويي جو لاڙو وڌيڪ اهم آهي. پنيور مان مليل سنڌي ٻوليءَ جي قديم لکت جي تحقيق/اڀياس سٽن بابن ۾ ورڇيل آهي، جن ۾ ٺڪرين جي لکت، ٻولين جا آواز، شڪليون، سنڌي ٻولي جي خواجڪي، لوهاڻا ۽ ڀاٽيا خطن سميت ٺڪر جي ٺانون، ڪاريگرن، پنيور جا رڱيل ڇٽ ۽ سنڌ جي ساموندي پٽي ۽ قبل مسيح جو دور به بحث هيٺ آندو ويو آهي. هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو آهي.

**سنڌو وهندو رهندو (تاج صحرائي):**

بدر ابڙي صاحب جي مرتب ڪيل هن ڪتاب جو ليکڪ تاج صحرائي صاحب قديم آثارن جو ماهر هو. هن سنڌوندي جي ساڄي پاسي جي قديم آثارن، تاريخ، ثقافت ۽ اتان جي مختلف ٽاڪن کي ٻنهه گهرائي سان ۽ ويجهي کان پرکي اڀياس هيٺ آندو آهي. هي ڪتاب تاج صحرائي جي ڪُل تحقيقي پورهيي تي مشتمل آهي، جنهن کي سندن لائق شاگرد بدر ابڙي چئن مکيه حصن ۾ سهيڙيو آهي، جنهن جو پهريون حصو سنڌو تهذيب بابت، ٻئي حصي ۾ پنجويهه ڪن تحقيقي مقالا، ٽيون حصو لطيفيات بابت ۽ چوٿين حصي ۾ سنڌ سميت ننڌي ڪنڌ جي ڪجهه مشهور شخصيتن بابت مضمون ۽ مقالا ترتيب ڏنا ويا آهن. بنيادي طور تي هن ڪتاب جا پهريان ٻه حصا اندس بيلٽ جي ساڄي پاسي بابت اهم تاريخي ۽ ثقافتي مواد پيش ڪن ٿا. سنڌ ۾ cultural study (ثقافتي اڀياس) نه ٿيڻ جي برابر ٿي آهي. هي ڪتاب اُن سلسلي ۾ خاص اهميت رکي ٿو. هي ڪتاب سنڌ ثقافت کاتي شايع ڪيو آهي.

**ڪير ٿر جي هنج ۾:**

شاهد موسو جو هي ڪتاب لکيل آهي. سنڌ جي قديم آثار هجن يا قديم علائقا انهن بابت ٺوس يا سائنسي تحقيق جي بنياد تي لکڻ ۽ پڙهڻ جو رواج بنهه گهٽ رهيو آهي. هي ڪتاب اُن حوالي سان هڪ بهتر ڪوشش آهي. سنڌ جي اولهندي پاسي جي جابلو پٽيءَ جي آباديءَ جي قديم تاريخ، پٽن، علائقن، ثقافت ۽ ماحوليات بابت انهن علائقن/ پٽن ۾ زبان زد لوڪ روايتن کي مختصر مضمونن جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي، جيڪي هن علائقي جي قديم تاريخ لاءِ مواد مهيا ڪن ٿا. هي ڪتاب نئين دنيا پبليڪيشن شڪارپور شايع ڪيو آهي.

**سنڌو سپيتا (آرين ۽ دراوڙن وارو مفرضو):**

هي ڪتاب رُڪ سنڌي صاحب جو لکيل آهي. سنڌ جي تاريخ کي مقاميت جي پسمنظر ۾ پرکڻ واري خيال هيٺ هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جي بابن کي وڌيڪ چٽو ڪري ڏيکارڻ جي هڪ اهم ڪوشش آهي. هي ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو آهي.

**تذڪره شعراءِ پنو عاقل:**

هن ڪتاب جو ليکڪ پروفيسر سرور سيف آهي. سنڌي ۾ تذڪره نويسي به گهڻي وقت کان رائج آهي، جيڪا بنيادي طور تي سنڌ جي تاريخ توڙي سوانحي ادب بابت مواد مهيا ڪري ٿي. سنڌ جي مختلف شهرن جي شاعرن بابت پڻ ڪيترا ئي تذڪره شايع ٿيا آهن. پروفيسر سرور سيف سنڌ جو سينئر اديب آهي، جيڪو مسلسل خاموشي سان لکي رهيو آهي. هي ڪتاب پني عاقل جي وفات ڪري ويل شاعرن بابت سندن تازي تحقيق آهي، جيڪا سنڌي ۾ سوانحي ادب لاءِ مواد مهيا ڪري ٿي. هي ڪتاب سوغات پبليڪيشن پني عاقل شايع ڪيو آهي.

**ميگهه تاريخ جي آئيني ۾ (ميگهه تاريخ):**

هن ڪتاب جو ليکڪ ڊاڪٽر اشوڪ ڏيواڻي آهي. سنڌي ۾ سنڌ جي قديم نسلن ۽ قبيلن بابت بنهه گهٽ لکيو ويو آهي. هي ڪتاب اُن کوٽ کي پورو ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. هي ڪتاب اٺويهه مکيه ۽ لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو ڪن ننڍن عنوانن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ هن خطي جي قديم نسل ميگهه ونش/ميگهواڙ قبيلي جي جامع تاريخ رقم ڪئي وئي آهي. هي ڪتاب سامروٽي پبليڪيشن نومبر ۾ شايع ڪيو آهي.

**ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون:**

مختيار ملاح جو هي ڪتاب لکيل آهي. سنڌ جي تاريخي تعليمي ادارن جي قيام، تاريخ ۽ حاصلات بابت پڻ مختلف وقتن تي تحقيق ٿيندي رهي آهي، جن ۾ سنڌ مدرسته السلام بابت ڊاڪٽر ممتاز بخاري ۽ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد فار مين بابت ڊاڪٽر عبدالجبار مغل جي تحقيق اهم آهي. انهن مان فقط ڊاڪٽر بخاريءَ جي تحقيق هن وقت تائين شايع ٿي آهي. مختيار ملاح سنڌ جو ڪاهوڙي محقق آهي، جيڪو مختلف وقتن تي نه رڳو سنڌي ٻولي ۽ ادب بابت تحقيق پيش ڪندو رهيو آهي، پر گڏوگڏ سنڌ جي تاريخي ادارن بابت پڻ وڏي محنت ۽ عرق ريزي سان مواد پيش ڪندو رهيو آهي. هن کان پهرين سنڌ جي تاريخي ۽ قديم درسگاهه نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ اُن جي باني نور محمد لاکير بابت پنهنجي تحقيق سامهون آڻي چڪو آهي. هي ڪتاب به سندس اُن ئي جذبي ۽ محنت سان ڪيل تحقيق جو نتيجو آهي، جيڪا پنجن حصن ۽ ايڪيهه مکيه ۽ ڪيترن ئي ننڍن عنوانن ۾ ورڇيل آهي، جنهن ۾ ڊي. جي. ڪاليج جو قيام، انتظام، تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ ڪاليج اندر مختلف شعبا قائم ڪرڻ، ڪاليج جي ادبي تاريخ، ڪاليج جي استادن، عالمن ۽ شاگردن جون علمي ۽ ادبي خدمتون ۽ ڪاليج مان پڙهي نڪتل ڪجهه اهم شاگردن بابت تحقيق شامل آهي. در اصل هي ڪتاب سنڌ ۾ تعليمي ۽ علمي تاريخ جو هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن جي خاص اهميت آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

**سنڌو لکت ۽ سراج:**

هن ڪتاب جو ليکڪ شبير ڪنڀار آهي. ليکڪ سنڌي ٻوليءِ کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ واري سموري عمل ۾ گذريل ڪيتري وقت کان ڪم ڪري رهيو آهي. هيءَ تحقيق سندس ايم فل جي ڊگري لاءِ ڪيل آهي. سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جي قديم لکت ’انڊس اسڪرپٽ‘ جي پاڄ لاءِ بنيادي ڪوششون وٺندي موهن جي دڙي مان مليل مُهرن جون پڙهڻيون مقرر ڪيون. شبير پنهنجي تحقيق ۾ سراج جي اُن ڪم بابت تحقيقي اڀياس پيش ڪندي ’انڊس اسڪرپٽ‘ جي پاڄ لاءِ سراج جي مقرر ڪيل معيارن کي اڳتي وڌائڻ جو نتيجو ڏئي ٿو. هي ڪتاب سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز شايع ڪيو آهي.

سال 2024 ۾ شايع ٿيل تحقيقي ڪتابن مان هت ڪجهه مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ادب، شاعري، تصوف، تاريخ، قديم آثار، ٻولي ۽ تعليم جهڙا موضوع شامل آهن. جن مان سنڌي ادب ۾ تحقيقي ادب جي اهميت واضح ٿئي ٿي. ■

## نئون سال



عبدالباري
ابڙو

سوين سِڄّ ايئن ئي اڀرندا اُلهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

نه بجليءَ جا ڪُنڊا لڳائڻ کان مڙبو
نه معشوق شروانگي ڳائڻ کان مُڙبو
اسان جا ٻڌي ٿهڪ ڏاها به ٿهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

سڄي ڏينهن جا پَلَ املهه اڄ بک تي
وڃايون ٿا ٽِڪ ٽاڪ ۽ فيس بڪ تي
ابي ۽ امڙ جا ڏنل خواب ڍهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

ملِي مائيڪ جيڪر نه پوءِ بَسِ ڪنداسين
۽ تقرير کي ڪنٽينيوٽَسِ ڪنداسين
توڙي ديگهه کي ڪو نه ويٺل به سهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

سڄي عمر سڌرڻ نه آ پنهنجي وس ۾
چڱي وِک تي ناهي هلڻ دَسترس ۾
وڏن جي نصيحت جا واھُڙ به وهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

پراڻي پيل هَيرَ آ چانهن ڪَٽَ جي
سدائين رهي سار موڪيءَ جي مَٽ جي
نوان خيال ذهنن ۾ پوءِ ڪيئن ٺهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

اسان کي هُو ’باري‘ هدايت ڏئي ڪا
پلائي نئين سال ۾ شل ٿئي ڪا
اسان جا نسلَ نيٺ ڪيسين پيا سهندا
مگر پنهنجا پرڪار ساڳيا ئي رهندا

# شاعريءَ جا گهڻا ڪتاب شايع ٿيا

هونئن ته هر سال شاعريءَ جا ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپبا هئا، پر سال 2024ع ۾ شاعريءَ جا تمام ٿورا ڪتاب ڇپيا، ۽ انهن کي پڙهندڙن وٽان سٺي پذيرائي ملي، جنهن سان شاعرن جي حوصلاافزائي ٿي. اها به حقيقت آهي ته شاعريءَ جا ڪتاب پڙهڻ گهٽجي ويا آهن، جنهنڪري پبلشرز به روئي روئي شاعريءَ جا ڪتاب ڇپين ٿا. جيڪڏهن ڪو ناليوارو شاعر آهي ته ان جو خوشيءَ سان ڪتاب شايع ڪن ٿا. باقي ڪنهن ٻئي شاعر يا نئين شاعر جو ڪتاب گهٽ ڇپين ٿا.



امتياز دانش

سال 2024ع ۾ سڄي دنيا اندر شاعري پنهنجي عروج تي رهي ۽ ماڻهن جي جذبن کي گرمائيندي رهي. اهڙي نموني ساڳئي سال سنڌي سماج اندر به شاعري ڪارائتي رهي ۽ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، بلڪ اها ماڻهن جي روح جو پڙاڏو بڻجي گونجندي رهي. شاعرن پنهنجي شاعريءَ ذريعي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪري پنهنجي ڌرتي، مٽي، ملڪ، قوم، تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ سان پنهنجي محبت جو خوب اظهار ڪيو.

هونئن ته هر سال شاعريءَ جا ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپبا هئا، پر سال 2024ع ۾ شاعريءَ جا تمام ٿورا ڪتاب ڇپيا، ۽ انهن کي پڙهندڙن وٽان سٺي پذيرائي ملي، جنهن سان شاعرن جي حوصلاافزائي ٿي. ان سال ۾ شاعريءَ جا ٿورڙا ڪتاب ڇپجڻ کي ڏسجي ته ان جا ڪيترائي سبب نظر ايندا. اڳ ۾ هفتيوار، پندرهن روز ۽ ماهوار رسالا نڪرندا هئا ۽ هر هفتي ڪنهن نه ڪنهن اخبار جو ادبي صفحو نڪرندو هو، جن ۾ شاعري ڇپجندي هئي، جنهن سان شاعر جي ناماچاري ٿيندي هئي، پر هاڻي رسالا ۽ اخبارن جا ادبي صفحا نڪرڻ بند ٿي ويا آهن، جنهنڪري شاعرن جي شاعري هر ماڻهوءَ تائين اڳ وانگي نه ٿي پهچي. جيڪي ٿورا گهڻا رسالا ۽ اخبارن جا ادبي صفحا نڪرن ٿا ۽ جيڪا انهن ۾ شاعري ڇپجي ٿي، اها ضرور ماڻهن تائين پهچي ٿي. موجوده دور ۾ اخباري صنعت جي جڳهه سوشل ميڊيا والاري آهي. فيس بڪ، ٽوئيٽر، انسٽاگرام، واٽس ايپ ۽ ٻيا جديد ذريعا اچي ويا آهن، جنهن ڪري هاڻي شاعر، شاعري ڪري انهن تي رکي ٿو، جنهن سان اهو ٿئي ٿو ته هو ان جي شايع ٿيڻ انتظار نه ٿو ڪري. جنهن وقت به هو چاهي پنهنجي شاعري شيئر ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس ان وقت ئي فيڊبيڪ ملي وڃي ٿو. انڪري هو پئسا ڀري پنهنجو ڪتاب ڇو ڇپرائي؟ جڏهن ته هاڻي ڪاغذ مهانگو ٿيڻ ڪري ڪتاب مهانگا ڇپجن ٿا، جيڪو خرچ هر شاعر برداشت نه ٿو ڪري سگهي.

اها به حقيقت آهي ته شاعريءَ جا ڪتاب پڙهڻ گهٽجي ويا آهن، جنهنڪري پبلشرز به روئي روئي شاعريءَ جا ڪتاب ڇپين ٿا. جيڪڏهن ڪو ناليوارو شاعر آهي ته ان جو خوشيءَ سان ڪتاب شايع ڪن ٿا. باقي ڪنهن ٻئي شاعر يا نئين شاعر جو ڪتاب گهٽ ڇپين ٿا.

گذريل سال مرڪ پبليڪيشن نور چاڪراڻيءَ جو ”ناتو نيرنگ جيئڻ،“ ساپيان سانگيءَ جو ”خاموشي ڳالهائي ٿي“ ۽ ٻين شاعرن جا مجموعا ڇپيا. ريڪائون پبليڪيشن مصطفيٰ نانگراج جو ”هڪ شام ڪي لکيل خط،“ سنڌو پيرزادو جو ”ڪراچي، ڪبوتر ۽ ڇوڪري،“ رحمت پيرزادي جو ”دل جو اداس خاڪو“ ۽ ٻين جا ڪتاب شايع ڪيا. سارنگا پبليڪيشن اسحاق سميجي جو ”ٻئي طرف قبيلو هو“ ۽ صوبائي وزير، ڪالم نگار ۽ خوبصورت شاعر سردار شاهه جو ٻيو شعري مجموعو ”من مسافر“ ڇپيو. سردار شاهه جو ڪالمن جي مجموعي ”مي رقصم“ ڪانپوءِ هي ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو گهڻي وقت ڪانپوءِ ڇپيو. لياقت رضويءَ جو ”تنهنجي غيرموجودگيءَ سان گفتگو“مجموعو ڇپيو، جنهن ۾ هن سڄي شاعريءَ ۾ پنهنجي وڇڙي ويل دوست عرفان مهديءَ سان گفتگو ڪئي آهي. هي ڪتاب ٻڌائيءَ جي سٽ ”ڇُنا ڦٽ ڇُڙي پيا“ جيان آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي ادب ۽ سياست خاص ڪري قومپرست سياست کان وسري ويل عرفان مهديءَ کي نئين نسل سان متعارف ڪرايو آهي. ڇا ته احساساتي شاعري آهي، جنهن کي پڙهي ائين لڳي ٿو ڄڻ هر ماڻهو سنڌو درياهه جي نذر ٿي ويل عرفان مهديءَ سان ڳالهائي رهيو هجي.

يگاني مزاج جي شاعر گدا خاصخيليءَ جي لاڏاڻي ڪانپوءِ ساڄاهه پبليڪيشن سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب ”دل جي داستان جو مهورت“ جي نالي سان ڇپيو، جيڪو اصل ۾ ناميار ليکڪ تاج جويي ترتيب ڏنو. گوهر سنڌيءَ جو ”مينهن ڪٽيون ۽ ماڪ“ ڪتاب ڇپيو. هن ڪتاب جي خوبي اها آهي ته هڪ ته هن ۾ گوهر سنڌيءَ جو هائيڪو جي تاريخ تي طويل مقالو آهي، جنهن ۾ هر ان شاعر جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن هائيڪو لکيو آهي ۽ ڪيترائي گمنام شاعر به متعارف ڪرايا آهن ۽ ٻيو سندس هائيڪو آهي، جيڪو هر موضوع تي آهي. زيب ڪنگو جو ”يادون همسفر،“ فهميده شرف بلوچ جو ”جدائي،“ محمد ٻارڻ جو ”نظمن جا نقش“ ڇپيو. زيد پيرزادي، غلام قادر منتظر چانگ، شبير حسن گبول، مبين اڄڻ ۽ ٻين شاعرن جا به شعري مجموعا ڇپيا.

ٻاراڻي شاعريءَ ۾ استاد گل دايو جو ”مرڪن منڙا ٻار،“ سکڦر فقير محمد قاسم ڪلوڙ جو ”ٻارن سان آ پيار“ ۽ ٻيا ڪتاب ڇپيا. ان سان گڏ سجاد ميراڻي ۽ ٻين شاعرن جا گڏيل شاعريءَ جا ڪتاب به ڇپيا.

سال 2024ع ۾ شاعريءَ تي تحقيق به ٿي. مولائي ملاح جو اوسارن تي ٻڌل تحقيقي ڪتاب ”اوسارا 2“ ڇپيو. نور احمد جنجهيءَ جو ”ٿري لوڪ گيتن جو سماجياتي اڀياس“ ڇپيو. مور مغيريءَ جو ”صوفي سيد رکيل شاهه جي سنڌي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو“ جي نالي سان ڪتاب ڇپيو. اهڙي ريت ٻين جا به شاعريءَ تي تحقيقي ڪتاب شايع ٿيا.

ان سان گڏ اقبال شاهين جو ”چشم نم“ ۽ ٻين سنڌي شاعرن جا اردو ۾ شعري مجموعا ڇپيا. نور احمد جنجهيءَ جا به انگريزي شاعريءَ جا مجموعا ڇپيا. ائين رفيعا بخاريءَ جي شاعريءَ جي ”پينگهو“ ڪتاب سميت ڪيترائي انگريزي شاعريءَ جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

سال 2024ع ۾ شاهه لطيف، شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ تي ڊاڪٽر شير مهراڻي، نور احمد جنجهي، فياض لطيف ۽ ٻين محققن ڪم ڪيو. اسحاق سميجي، شيخ اياز جي هائيڪن ۽ ٽن سِٽن کي ترتيب ڏئي ”ڪمري ۾ پوپٽ“ جي نالي سان ڪليات ڇپرائي.

مجموعي طور تي ڏسجي ته سال 2024ع سنڌي شاعريءَ لاءِ ڪارائتو سال رهيو. شاعريءَ جا ڪتاب ڇپيا، مشاعرا ٿيا، شاعرن سان شامون ملهايون ويون ۽ شاعريءَ تي تحقيق ٿي، نوان تجربا ٿيا، جنهن سان شاعريءَ جي واڌ ويجهه ٿي.

## سال 2024ع ۾ ٿيل مشاعرا

ناميارو شاعر احمد سولنگي جڏهن سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو هو ته ڪيس ورثي ۾ بحران مليو هو ۽ بدقسمتيءَ سان سنگت ٻن ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي هئي، پر احمد سولنگيءَ جي سيڪريٽري شپ ۾ اهو ٿيو ته سنگت جون شاخون متحرڪ ٿيون. ڪٿي هفتيوار، ته ڪٿي پندرهن وارگڏجاڻيون ٿيڻ لڳيون ۽ تاريخي پروگرام ٿيا، جن مرڪز کي ڪنيو. ائين سنگت جي ٻئي مخالف گروپ سان سلهاڙيل ڪجهه شاخن جي به هر هفتي ۽ پندرهين ڏينهن گڏجاڻي ٿيڻ لڳي ۽ تمام بهترين پروگرام ٿيا. سنگت جي ٻنهي گروپن جي گڏجڻ ڪانپوءِ سنگت مرڪز جي چونڊ ٿي ته ان ۾ نور چاڪراڻي وڏي اڪثريت سان کٽي آيو ۽ شاخن جي گڏجاڻين جو اهو سلسلو برقرار رهيو.

نور چاڪراڻيءَ جي سيڪريٽري شپ ۾ سنگت مرڪز جا به شاندار پروگرام ٿيا. هڪ ٿرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ ٻيو ڪراچيءَ ۾ سنڌو درياهه مٿان 6 نوان ڪينال ٺاهڻ خلاف. سنگت جو ڪارونجهر تي شاندار مشاعرو به ٿيو.

سنڌي ادبي سنگت چوهڙ جماليءَ، چوهڙ ۾ مرثيي تي لاجواب مشاعرو ڪرايو. سنڌي ادبي سنگت مڪليءَ سجاول، ٺٽي ۽ ڪراچيءَ جي ڪوتا ڪارن صوفي ذوالفقار علي قادري، علي محمد پروين، محمد ٻارڻ، ڪوي، غوث پيرزادي، نور سرائي، عبدالقادر ڪٽي، زاهد اسحاق سومري، عرس اوٺي، راجا ڪٽي ۽ محبوب درس سان رهاڻ رچائي ۽ غفور شاهه تقوي ۽ ٻين شاعرن کي ميڄتا ايوارڊ ڏنا.

سنڌي ادبي سنگت ابراهيم حيدري ڪراچيءَ ڪوتا جي ستارن سان سانجهه جي سري هيٺ اظهر ٻانيڻ، سيد غفور شاهه تقوي، لڇپت راءِ مظلوم، نواز سومري ۽ وسيم گبول سان شام ملهائي. سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد فيزون نثري ”نظمن جي ڪهڪشان“جي عنوان سان هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو، جنهن ۾ شبنم موتي، مصطفيٰ نانگراج، پشپا ولڀ ۽ امر سنڌو جي نثري نظمن تي حسين مسرت، نصير مرزا، ريحان ملاح ۽ سحر گل ڳالهايو. اهو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو هڪ انوکو پروگرام هو ۽ اهڙا پروگرام لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن ۾ به ڪرايا ويا.

ڪراچيءَ ۾ پاڪستان اڪادمي ادبيات ڪيترائي مشاعرا ڪرايا ۽ حيدرآباد ۾ خانه بدوش رائيٽرز ڪيفي تي به شاعريءَ جا پروگرام ٿيا. ائين سنڌ ترقي پسند مصنفين جا به سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ادبي پروگرام ٿيا، جن ۾ شاعريءَ جا سيشن به رکيل هئا. ڪراچي، سکر، خيرپور ميرس، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ آرٽس ڪائونسل ادبي سرگرمين ڪري پاڻ ملهايو. ڪراچيءَ ۾ آرٽس ڪائونسل جي عالمي اردو ڪانفرنس ۽ لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ڪائونسل جا ادبي ميلا تمام بهترين ادبي ايونٽ رهيا. سال 2024ع ۾ حيدرآباد ۾ ايچ ايل ايف، ٿرپارڪر ۾ ٿر ميلو، ڪراچيءَ ۾ ايس ايل ايف ۽ حيدرآباد ۾ اياز ميلو لڳو، جنهن ۾ شعري مجموعن، مشاعرن ۽ شاعريءَ تي سيشن رکيا ويا.

سنڌي ٻولي جي بااختياري اداري ڪراچي ۾ ٻولي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ مشاعرو به ٿيو ۽ شاعري به بحث هيٺ آئي ان سان گڏ ان اداري اسلام آباد ۾ ٻارن جو ڇٽائي ميلو به لڳايو، جتي به شاعري گونجندي رهي. پهرين ڊسمبر تي ايڪتا واري ڏينهن ته هر هنڌ شاعري ٻڌڻ ۾ آئي، جنهن ۾ ڪافي نئين شاعري هئي. ■




# 2024 ۾ شايع ٿيل ڪجهه سنڌي ڪتابن جو مختصر ذڪر

سال 2024ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻا ڪتاب شايع ٿيا. پر مون هن ليک ۾ انهن چند ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي سال 2024ع ۾ شايع ٿيا ۽ منهنجي نظر مان گذريا.





سرمد ڪوسو






























هر سال وانگر هن سال به پبلشرس مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا. جيڪا ڳالهه ڏاڍي اتساهيندڙ آهي. ان حوالي سان ڪجهه ڏينهن اڳ مون حيدرآباد ۾ هلندڙ ڏهين اياز ميلي ۾ هڪ مشاهدو ڪيو ته: ڪتابن جي اسٽال تي نوجوانن جي تمام گهڻي پيهه هئي. اُهي نه رڳو ڪتاب ڏسي رهيا هئا پر ڪتاب خريد به ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي پسند جي ليکڪن جي ڪتابن بابت پُڇي به رهيا هئا. ڪين ڪو ڪتاب نٿي مليو ته مايوسي ۽ جيڪڏهن سندن پسند جو ڪتاب مليو ٿي ته خوشي سندن چهرن تي عيان هئي. اها ڳالهه مونکي ڏاڍي سُٺي ۽ وڻندڙ لڳي. نوجوانن انهيءَ ڳالهه کي غلط پئي ثابت ڪيو ته، اُهي ڪتاب پڙهن نٿا يا وري ڪتاب ته صفا وڪرو نٿا ٿين. اصل ۾ ايئن بلڪل به ناهي. اڄ جو سُلجهيل نوجوان پڙهي ٿو.

هن ليک ۾ مون مختصر طور تي انهن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سال 2024ع ۾ شايع ٿيا ۽ جيڪي منهنجي نظر مان گذريا. انهن ۾ جيڪڏهن اسان لطيفيات جي موضوع کي ڏسون ٿا ته، اُن تي پيڪاڪ پبلشرس شبنم گل جو ڪتاب "شاهه لطيف ۽ پرڏيهي شاعرن جو فڪري اڀياس،" مُرڪ پبليڪيشن ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو "شاهه لطيف جا فڪري رخ " ۽ عبدالفتاح سپرو جو "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پورهيت ۽ پورهيي جو اڀياس" شايع ڪيا.

آتم ڪٿا جي ڪتابن ۾ مونکي بدر ابڙي صاحب جي آتم ڪٿا "جوڳي ٿي جيئاس" تمام گهڻي متاثر ڪيو، جيڪا پيڪاڪ پبلشرس شايع ڪئي آهي. اهو بيحد شاندار ڪتاب آهي. اُن ڪانسواءِ ڊاڪٽر محمد سعيد اعواڻ جي آتم ڪٿا "منهنجي زندگي، منهنجي ڪهاڻي" امرتا پبليڪيشن شايع ڪئي. نوجوانن کي اتساهه ڏيارڻ ۽ تعليمي موضوعن تي ڊاڪٽر شاهه مراد چانڊئي جو ڪتاب "پرڏيهه پڙهڻ جا موقعا،" ڪنول پبليڪيشن شايع ڪيو. اِن ئي موضوع تي نادر جمالي جو ڪتاب "متان مايوس ٿيا آهيو" مُرڪ پبليڪيشن شايع ڪيو. تلهار شهر جي ڪٿا، آصف جمالي "شهر ڪٿا" جي نالي سان لکي آهي، جيڪا امرتا پبليڪيشن شايع ڪئي.

سال 2024ع ۾ ڪافي ناول به شايع ٿيا. "مون کي هوائن ۾ ڳولجان" (طارق خشڪ)، "نوٽري پبلڪ" (عبدلواحد سومرو)، سُڪالي (امداد ڪانهيو)، بيٺل پاڻي (عباس ڪوريجو)، سماني جي ڪراچي (دودو چانڊيو) ۽ قاتل ڪهاڻين جا پرزا (بيدل مسرور) مُرڪ پبليڪيشن شايع ڪيا آهن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ڪجهه ناولن جا ٻيا ۽ ٽيان ڇاپا به آيا، جن ۾ انور ابڙي جو ناول "هڪ مهمان ڇوڪري" جو ٽيون ڇاپو ڪويتا پبليڪيشن ۽ انور ڪليم جي ناول "واپسي" جو ٻيو ڇاپو مُرڪ پبليڪيشن شايع ڪيو.

ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ مُرڪ پبليڪيشن، ممتاز بخاري جو ڪتاب "انوشا جي پيءُ جو الميو،" پير عبيد راشدي جو ڪتاب "زندگيءَ جو ڪلاسيفائيڊ پيج" ۽ ڊاڪٽر فهميده حُسين جو ڪتاب "ڪُنڌي ڪلين وچ ۾" شايع ڪيا. امرتا پبليڪيشن، وزير حسين ميمڻ جو ڪتاب "حُسن لکي ٿو" شايع ڪيو ، جنهن ۾ مختلف فلمي اداڪارائن جون لکيل ڪهاڻيون ترجمو ڪيل آهن. فلسفي جي موضوع تي ڊاڪٽر تيمور رحمان جي ڪتاب جو الطاف راجا "دانشمندي جي تاريخ" جي عنوان سان ترجمو ڪيو، جيڪو مُرڪ پبليڪيشن شايع ڪيو. منهنجو خاڪن تي مشتمل ڪتاب "سجڻ ماکيءَ مَنڊ" به هن سال مُرڪ پبليڪيشن شايع ڪيو آهي.

شاعريءَ جي ڪتابن ۾ به ڪافي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن ۾ ليلا رام جو ڪتاب. مِٽي خوشبوءِ، ماڻهو خوشبوءِ،" امرتا پبليڪيشن شايع ڪيو. ساڳئي پبليڪيشن "گُم ٿيل ٺهڪ" (ڊاڪٽر امدا شيخ) ۽ "پل پل جو پڇتاءُ" (عبدالرحيم "عبد" ڪنير) به شايع ڪيا. مُرڪ پبليڪيشن شاعريءَ جا هيءَ ڪتاب شايع ڪيا:"خاموشي ڳالهائي ٿي" (ساپيان سانگي)، "رهيل چار ڳوڙها،" ٻيو ڇاپو (استاد پيرل قنبر)، "پينگهو" (رفيعه بخاري)، "اسين منصور جا نعرا" (پروفيسر مشتاق مهر) ۽ "ساجهر ڪر يار سڄاڳي " (رشيد خانواهي).

اِهي ڪجهه اُهي ڪتاب هئا، جيڪي ڪاغذ تي شايع ٿيا. هِتي ڪجهه برقي اشاعت ذريعي پي ڊي ايف فارميٽ ۾ شايع ٿيل سنڌي ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ به تمام ضروري آهي، ڇو ته هاڻي دنيا تيزيءَ سان ان طرف وڃي پئي ۽ سنڌ ۾ انهيءَ حوالي سان ڊاڪٽر عبدالرحمان پيرزادي تمام گهڻو ڪم ڪيل آهي. برقي اشاعت ذريعي هن وقت تائين سنڌس 170 ڪان به وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن جا موضوع سائنس، ادب، تاريخ، زراعت، تعليم ۽ سياست سان گڏ ٻيا انيڪ موضوع آهن. هن سال به برقي اشاعت ذريعي پيرزادي صاحب جا 23 ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ صحت، پٿائي شناسي ۽ ساچاهه جي موضوع تي بلاگ ۽ ليک شامل آهن. هي ڪتاب هر ڪنهن لاءِ انٽرنيٽ تي آساني سان دستياب آهن، جيڪي ڊائون لوڊ ڪري پڙهي سگهجن ٿا ۽ ٻين سان به شيئر ڪري سگهجن ٿا. هي ڪتاب انگن اکرن ۽ سائنسي دليلن سان پرپور آهن ۽ پيرزادي صاحب جي ٻولي به لاجواب ۽ وڻندڙ آهي.

مان وري اهو چوان ٿا ته سال 2024ع ۾ ڪتاب ته ٻيا به ڪيترائي شايع ٿيا، پر مان هتي مختصر طور تي اُنهن ڪجهه ڪتابن جو ذڪر ڪري سگهيس، جيڪي منهنجي نظرن مان گذريا، ان ڪري جن به ڪتابن ۽ محترم ليکڪن جو ذڪر رهجي ويو آهي، اُهي مهرباني ڪري دِل ۾ نه ڪندا. مون وٽ سندن علمي ۽ ادبي پورهئي جو قدر آهي. ■

# سال 2024ع ۾ بہ ڪي ٽي اين جي ڊرامن کي وڏي پذيرائي ملي

ڪي ٽي اين جو سال 2024ع جي بهترين مني ڊرامہ سوپ سيريل ”غلام حسين“ هئي، جيڪا هڪ ملهه پهلوان ”غلام حسين“ جي زندگيءَ بابت هئي ۽ دلچسپ ڳالهه ته ان ۾ مک ڪردار بہ سنڌ جي ان نوجوان ملهه پهلوان غلام حسين ئي نڀايو هو. اداڪار نہ هوندي بہ ملهه پهلوان غلام حسين پنهنجي ڪردار سان انصاف ڪري ڏيکاريو.




اظهر علي جوکيو



سنڌي ڊرامي جي حوالي سان ڪي ٽي اين جو هميشہ کان ڳاٽ اوچو رهيو آهي. دنيا جو پهريون سنڌي سيٽلائيٽ چئنل هجڻ جي ناتي ڪي ٽي اين سنڌي ڊرامن سان ڀرپور نڀاءُ ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌين تائين پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ ذريعي پنهنجو مثبت پيغام پهچايو آهي. ڪلاڪيتر ۾ ڪي ٽي اين جي ڊرامي کي هڪ منفرد مقام حاصل رهيو آهي. گڏوگڏ ڪي ٽي اين ڪيترن ئي اداڪارن، هدايتڪارن ۽ ڊرامي نگارن کي ملڪ گير شهرت ڏيارڻ سان گڏ جڳ مشهور مڃتا ڏياري آهي، پوءِ اهو ”درياهہ پار“ جو سدورو (اسد قريشي) هجي يا مزاحيہ ڊرامہ سيريل ”ماما لالو“ جو عبدالمنان عباسي هجي يا ”پٽر دنيا“ جي خيران يعني آپا شبيران چنہ هجي، اهو ڪي ٽي اين ئي آهي، جنهن انهن اداڪارن سان گڏ اهڙن ٻين انيڪ اداڪارن کي سدا حيات اداڪار بڻائي ڇڏيو.

ڪي ٽي اين پنهنجي مک ٿيم: ”هر سال جيان هي سال بيمثال“ جيان پنهنجو ڊرامو پڻ هر ٻئي ڊرامي کان منفرد، لاجواب ۽ بي مثال پيش ڪندي رهي آهي. هر سال جيان سال 2024 ۾ پڻ ڊرامي جي حوالي سان ڪي ٽي اين پاڻ ڀرو رهيو. ان سلسلي ۾ حاضر آهي ڪاوش دنيا مئگزين جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ ”ڪي ٽي اين جي سال 2024 بابت مختصر رپورٽ.“




سڀ کان پهريان جيڪڏهن ذڪر ڪجي سال 2024 ع جي بهترين ڊرامي جو تہ، ڪي ٽي اين جي مني ڊرامہ سوپ سيريل ”غلام حسين“ جو ذڪر ڪبو. اهو ڊرامو هڪ ملهہ پهلوان جي زندگي بابت هئو، جنهن جو مک ڪردار سنڌ جي نوجوان ملهہ پهلوان غلام حسين ئي نڀايو. اداڪار نہ هوندي بہ ملہ پهلوان غلام حسين پنهنجي ڪردار سان انصاف ڪري ڏيکاريو. ان جو ڪريڊٽ ڊرامي جي هدايتڪار لالا سڪندر پٺاڻ کي وڃي ٿو، جيڪو اهڙا منفرد ڪم ڪرڻ جو ماهر ڊائريڪٽر ليکبو آهي. ”غلام حسين“ ۾ ڪيل تجربي کان پهريان بہ هيءُ اهڙا ڪيئي تجربا ڪندو رهيو آهي. ڏاهري شڪور جي ان مِني سيريئل جي مک ڪاسٽ ۾ ذوالفقار ٻڙدي، نثار شاهہ، عاليہ چنہ، اعجاز ڪولاچي، لائبہ بلوچ، ايس پٽي، شميم شيخ، مير حسن بروهي، رانجهن چانگ، زاهد صديقي، فهميده سحر، لالا سڪندر، آغا شاهين، اينجل غزل، رابعہ راڻي، ٽيدي شيدي (پهلوان) ۽ غلام حسين جي مک ڪردار ۾ غلام حسين (پهلوان) شامل هئا. ان مني سوپ سيريل کي ڏسندڙن ڀرپور ڏني. ڊرامو 50 قسطن تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.



ڊرامہ سوپ سيريل ”حويلي“ ڪي ٽي اين جو سال 2024ع جو ميگا سوپ سيريل هو، جنهن ۾ پهريون ڀيرو اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ ڪوٽن ۽ حويلين جي ڏگهين ديوارن پٺيان فرسوده ۽ روايتي رسمون ڪيئن لاڳو هونديون آهن. انهن جي خلاف آخر ڪير تہ انقلاب آڻيندو؟ ان سوپ سيريل جي ڪهاڻي نالي واري ليکڪ محمد عثمان ميمڻ مرحوم هڪ ناول تان ورتي هئي، جڏهن تہ شريڪ ليکڪ ڏاهري شڪور هئو. ان ڊرامي جون هدايتون نالي واري اداڪار ۽ ڊائريڪٽر







منظور دانش جون ڏنيون هيون. جڏهن تہ مک ڪردارن ۾ اسد قريشي، ممتاز ڪنول، منظور مراد، نسرين ناز، اعظم مينگل، فارينہ رباب، شهزور ڏيٽو، عيني مستوئي، مولاداد، سدره شيخ، زرينہ ڪيريو ۽ ٻيا شامل هئا. اها سيرئيل 100 قسطن تي مشتمل هئي.



ڪي ٽي اين جي ڊرامہ سيريز ”گناهہ“سال 2024 جي هڪ ڪرائيم اسٽوريز تي مشتمل ڊرامو هئو، جيڪو حقيقي واقعن، وارداتن ۽ ڪيسز تي مشتمل هو. ”گناهہ“ جو ليکڪ واجد آزاد ۽ ڊائريڪٽر منير سيال هئا. جڏهن تہ هن ڊرامہ سيريز جي مک ڪاسٽ ۾ عزيز مسڻ، عاصمہ پٽو، عادل خان، لائبہ علي، شمشاد، شمائلہ علي، نينا منير ۽ ٻيا شامل هئا.

سوپ ڊرامہ سيريل ”پٿردل“ بہ ڪي ٽي اين جي سال 2024 ۾ پيش ڪيل هڪ اهم ۽ بهترين ڊرامہ سوپ سيريل هئي، جنهنجو ليکڪ وزير جمالي ۽ ڊائريڪٽر شاهجهان ڪوسو هو. ڊرامہ سيريل ”جاگير“ سڪندر عباسي جي لکيل خوبصورت ڊرامہ سيريل هئي، جنهنجون هدايتون لاڙڪاڻي اسٽيج جي مڃيل اداڪار ۽ هدايتڪار نياز شيخ ڏنيون ۽ قربان شيخ سندس معاون هو. ان ڊرامي ۾ ڳوٺاڻي ماحول ۽ روايتي وڏيرڪي ظلمن کي تمام سهڻي انداز سان فوڪس ڪيو ۽ ننديو ويو هو. ان ۾ سليم شاهہ راشدي هڪ تعليم دشمن ۽ ظالم وڏيري جو مک ڪردار ڀرپور طريقي سان نڀايو.



عبدالمنان عباسي المعروف ماما لالو جي مزاحيہ ڊرامہ سيريل ”ڄمي ڦاٿا آهيون“ جو بہ هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ دادو ۽ لاڙڪاڻي جي اعليٰ پائي جي سينئر مزاحيہ اداڪارن جو ڪم ساراهہ وٽان هو. هن مزاحيہ ڊرامي جو ليکڪ پيار علي جتوئي هو ۽ هدايتون عبدالمنان عباسي جون ڏنل هيون. ■